# سرسو

ڀهراڙي جي ترقي ۾
اوهان جو مددگار ادارو



جولاءِ - ڊسمبر 2019




- سماجي تحرڪ
- سرسو عمل ۾
- ڪميونٽي ادارن سان ڳالھ ٻولھ
- ڊاڪٽر اختر حميد خان جو خاڪو
- آءِ ايم ايس ڊي جو تعارف


سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## سرسو جو خواب

پنتي پيل ڪميونٽين کي خاص طور تي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڏسڻ ۽ روين جي تبديلي ذريعي سرگرم ڪميونٽي تنظيمن جوڙڻ ۾ مدد ڪرڻ تہ جيئن آزادي سان ماڻهن جي صلاحيتن ۽ راضپي سان غربت جو خاتمو ڪري سگهن.

## سرسو جو نصب العين

غربت کي شڪست ڏيڻ واري للڪار کي منهن ڏيڻ ۽ غريبن کي غربت جي لڪير کان مٿي آڻڻ ۽ هڪ معياري زندگي گذارڻ ۾ سهڪار ڪرڻ. پوئتي پيل ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جي زندگي جي معيار ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ هيٺ صلاحيت اجاگر ڪرڻ.

## سرسو جا مقصد

- سنڌ ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ماڻهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ راضپي کي اُڀارڻ.
- پاڪستان حڪومت جي غربت ختم ڪرڻ واري پاليسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.
- سنڌ حڪومت جي غربت گهٽائڻ واريون حڪمت عمليون عمل ۾آڻڻ وارين ڪوشش ۾ مدد ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

چھ ماهي
# سرسو
ميگزين

جولاءِ - ڊسمبر 2019

## ايڊيٽر
نويد اسحاق ميمڻ

## اسسٽنٽ ايڊيٽر
علي انور آزاد

## ايڊيٽوريل بورڊ
غلام رسول سميجو
نياز احمد هنگورو
شازيہ زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ
بابر جاگيراڻي

## ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
بخت علي ابڙو

## فوٽوگرافي
محمد حنيف هنگورو


## رابطي لاءِ ڊس پتو
مانيٽرنگ، اويليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ
(ايم اي آر _يو)
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪمپلڪس، شڪارپور روڊ، سکر
(سنڌ)

فون: 071-56271820
فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ: www.srso.org.pk


أهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ
جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهن (القرآن)

ڪنديءَ ايـون ڪيتـريـون، ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪنين سانگو ساهه جو، ڪي گهوريس ڪيو گهڻن
ساهڙ سنـدو تـن، گـهـا گـهـائي گـهـڙن جـي!
(شاهه لطيف)

## فهرست


- ايڊيٽر پاران ____ 02
- سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ____ 03
- ترقياتي مڪالمو: سرسو چيئرمين ۽ پي پي آر پي _ سنڌ حڪومت جي پروگرام ڪوآرڊينيٽر جي ڪميونٽي ادارن سان ڳالھ ٻولھ ____ 04
- مُک موضوع: سماجي تحرڪ: پاڙيرائپ ۽ جٽادار ترقي واري منزل جو پهريون ڏاڪو ____ 06
- سرسو عمل ۾: ڇھ ماهي دوران ڪيل اهم سرگرميون ____ 14
- متحرڪ ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ: پي پي پي چيئرمين ۽ وزير اعليٰ سنڌ جو ڪميونٽي ڪارڪن ڪانفرنس ۾ خطاب ____ 16
- ڪامياب ڪهاڻيون ____ 24
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو ____ 28
- سرسو جا شعبا: آءِ ايم ايس ڊي جو تعارف ____ 32
- ڪميونٽي ادارن جو تعارف: ايل ايس او ۽ ڪائنات ۽ ساٿ جو تعارف ____ 37
- ٻيو رُخ: ترقيءَ جي تشريح نئين سر ٿيڻ گهرجي! ____ 45
- روشن ڏيئا: ڊاڪٽر اختر حميد خان جو خاڪو ____ 48



هيڊ آفيس: **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)**
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي ٻهراڙين مان غربت جي خاتمي ۽ ماڻهن کي پاڻيرو ڪرڻ جي حوالي سان ڄڻادار ترقيءَ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري آهي ۽ ان حوالي سان مختلف پروگرامن ۽ منصوبن ذريعي غريب ترين ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي زندگي ۾ مثبت تبديلي پڻ آندي آهي، جنهن جو ثبوت متحرڪ ڪارڪن ۽ جوڙيل ڪميونٽي تنظيمون آهن.

سرسو پنهنجي خواب، نصب العين ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا کي هڪ اهم حڪمت عملي طور اختيار ڪيو آهي. پنهنجو هر پروگرام ۽ منصوبو ان حڪمت عملي تحت عمل ۾ آڻي ٿي. سوشل موبلائيزيشن واري حڪمت عملي هيٺ ئي ڪميونٽي ادارن جو قيام عمل ۾ آندو وڃي ٿو. سرسو ڪيمونٽي ادارن جي صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ کي بہ ايتري اهميت ڏئي ٿي، جيتري انهن جي قيام کي ڪميونٽي ترقي لاءِ لازمي سمجهي ٿي. ان سلسلي ۾ انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اينڊ اسڪل ڊولپمينٽ ( آءِ ايم ايس ڊي) مستقل بنيادن تي ڪميونٽي ادارن جي تربيتي ضرورتن جو جائزو وٺندو رهي ٿو ۽ انهن لاءِ تربيتن جو انتظام ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪميونٽي ادارن سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڪارڪنن جون ڪانفرنسون ۽ ورڪشاپ، جيڪي مستقل طور ڪيون وڃن ٿيون نہ صرف ڪميونٽي ادارن جو پنهنجو پاڻ ۾ رابطاڪاري ۽ تجربن مان سکڻ جو هڪ بهترين موقعو فراهم ڪن ٿيون. گڏوگڏ انهن جو سرسو ۽ ٻين لاڳاپيل سرڪاري توڙي غير سرڪاري ادارن ۽ انهن جي نمائندن سان سڌوسنئون رابطو ۽ پنهنجون ضرورتون ٻڌائڻ جو پليٽ فارم پڻ ملي وڃي ٿو.

سرسو جون تمام اشاعتون خاص طور سنڌي ميگزين شايع ڪرڻ جو بنيادي مقصد بہ ڪميونٽي ادارن جي مضبوطي ۽ صلاحيتون وڌائڻ، انهن جي ڪم ۽ ڪردار کي سامهون آڻڻ، عورتن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل سرگرمين کي ٻين تائين پهچائڻ آهي، تہ جيئن ٻين ۾ بہ تبديلي ۽ ترقي لاءِ اتساهہ پيدا ٿئي ۽ گڏوگڏ سرسو جي سرگرمين ۽ پروگرامن بابت ڪميونٽي ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي آگاهي ڏيڻ آهي.

هي شمارو پڻ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. پنهنجي ان ڪم کي بهتر ۽ موثر بڻائڻ لاءِ ڪوششُون ورتيون آهن ۽ ان لاءِ شماري ۾ پراڻن ۽ نون سلسلن کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان شامل ڪيو ويو آهي. ان کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ تمام پڙهندڙن جي راين، تحريرن ۽ تجويزن کي پليڪار ڪنداسون، تہ جيئن سرسو ميگزين کي سپني لاءِ ڪارائتو بڻائي سگهجي.

**ٿورائتو**

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سماجي ۽ معاشي طورتي پنتي پيل ماڻهن کي بااختيار ۽ سگهارو ڏسڻ واري خواب جي ساپيان لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) 2003 کان  ڪميونٽي سان گڏجي جدوجهد ڪري رهي آهي. جيڪي پنهنجو پاڻ کي هيٺين سطح تي منظم ڪري تنظيمون ۽ ادارا جوڙي پائدار بنيادن تي عمل جي ميدان ۾ موجود پڻ آهن. مقامي سطح تي جوڙيل ادارن جي جٽادارسماجي تبديلي ۽ ترقي ۾ ڪم ۽ ڪردار کي نه صرف مقامي پر قومي ۽ عالمي سطح تي به ساراهيو ويو آهي. سرسو ڪميونٽي ادارن جو ترقيءَ ۾ڪردار کي وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر نموني ادا ڪرڻ ۽  انهن جي ڪم کي وڌي سطح تي سڃني جي سامهون آڻڻ جي حوالي سان مختلف قدم کڻي رهي آهي. جنهن ۾ خاص طور تي هيٺين سطح تي ترقي جي عمل ۾ عملي سهڪار مهيا ڪرڻ، تنظيمي صلاحيتن ۾ اضافي لاءِ تربيتن جو انتظام ڪرڻ ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين خاص طور تي مقامي چونڊيل نمائندن، ضلعي انتظاميه ۽ سرڪاري ادارن سان رابطاڪاري اهم آهي. ان سموري عمل ۾ عورتن جي ڀرپور شرڪت ۽ اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ هڪ وڏي ڪاميابي ۽ سماجي تبديلي جي علامت طور سامهون آيو آهي.

سرسو جي ڪاميابين ۾ڪميونٽي ادارن جو ڪردار اهم آهي، سرسو سمجهي ٿي ته جيستائين مقامي ماڻهو پنهنجي غريب هجڻ  جي سببن ۽ حالتن جو جائزو پاڻ نه وٺندا، تبديلي آڻڻ لاءِ منصوبا سازي نه ڪندا ۽ عملي طور تي ان جي بهتري لاءِ اڳتي نه ايندا، تيسيتائين پائدار بنيادن تي غربت جو خاتمو ۽ سماجي تبديلي ممڪن ناهي. ان حوالي سان اسان کي سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا واري حڪمت عملي کي اختيار ڪري مقامي ماڻهن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ ڪميونٽي ادارن  جي شڪل ۾ منظم ڪري ٻين لاڳاپيل ڌرين ۽ ادارن سان رابطاڪاري مضبوط ڪرڻ لاءِ مربوط  بنيادن تي ڪم ڪرڻو پوندو.

سرسو جو پيغام به اهو آهي ته سماجي ۽ معاشي انصاف جي اصولن تي مشتمل معاشري جي قيام واري  جدوجهد ۾ هر فرد، ڪميونٽي ۽ اداري کي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سرسو ان جدوجهد واري سفر ۾ اوهان سان هميشه گڏ هوندي.

ساٿ سلامت

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**
چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن
(سرسو)

ترقياتي مڪالمو

# ڪميونٽي ادارن ۾ متحرڪ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

چيئرمين سرسو محترم شعيب سلطان خان ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر - پي پي آر پي، حڪومت سنڌ محترمه عفت ملڪ جو دورو، متحرڪ ڪارڪنن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت، ايل ايس او آفيس ۽ گڏيل ڪاروبار جو افتتاح

رپورٽ: نعمت الله ساوند

(سينيئر مانيٽرنگ پروفيشنل (پي پي آر پي_سرسو)

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام ( پي پي آر پي) سنڌ جي 6 ضلعن (خيرپور، سانگهڙ، عمرڪوٽ، ميرپوخاص، بدين ۽ ٽنو) ۾ هلائي رهي آهي.




سرسو جو چيئرمين محترم شعيب سلطان خان ۽ پي پي آر پي - حڪومت سنڌ جي پروگرام ڪوآرڊينيٽر محترمه عفت ملڪ ڊسمبر 21، 2019 تي ضلعي خيرپور جو دورو ڪيو ۽ پروگرام هيٺ هلندڙ عملي منصوبا ڏٺا ۽ متحرڪ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي.

عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام هيٺ قائم ڪيل ڪميونٽي ادارن جي انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس ڊسمبر 21، 2019 تي ڳوٺ گوگي منگٽيجو يونين ڪائونسل نورپور تعلقو ڪنگري ضلعي خيرپور ۾ تي گذري. ڪانفرنس ۾ چيئرمين سرسو محترم شعيب سلطان خان ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر - پي پي آر پي (حڪومت سنڌ) محترمه عفت ملڪ، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر اين.آر.ايس.پي محترم راشد باجوه ۽ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، ريجنل مئنيجر ۽ پي پي آر پي ٽيم ليڊر غلام رسول سميجو، ڪميونٽي ادارن ۽ سرڪاري ڪاتن جي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ ڪميونٽي ادارن جي نمائندن حڪومت سنڌ جي پروگرام هيٺ ڪيل سرگرمين، ان جي ڪري پيل مثبت اثرن ۽ تبديلي بابت ڳالهايو ۽ ان ۾ خاص طور تي سرڪاري ادارن جي شرڪت ۽ سهڪار جو بہ ذڪر ڪيو.

سرسو چيئرمين ڪانفرنس ۾ شريڪ عورت ڪارڪنن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ”توهان جي گهريلو ۽ ڪميونٽي سطح تي غربت سان لڙائي شاندار آهي، توهان ئي ڪميونٽي جي ترقي ۽ تبديلي

## ترقياتي مڪالمو

جا معمار آهيو، چو جو توهان ڪميونٽي ادارا جوڙيا آهن، جيڪي ترقي ۽ تبديلي واري عمل لاءِ ضروري آهن. پاڻ وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ ” توهان جي گهريلو سطح تي غربت خلاف شروع ڪيل جدوجهد ۾ ٿوري عرصي ۾ حاصل ڪيل ڪاميابي ساراھ جوڳي آهي“. پاڻ ان ڳالھ تي زور ڀريندي چيو تہ ” توهان ڪي ڪميونٽي ترقي ۽ گهريلو سطح تي غربت گهٽائڻ لاءِ نوان رستا ۽ راهون ڳولهڻ ۽ سرڪاري ۽ مقامي ادارن سان ويجهو رابطو رکڻ ۽ سهڪار حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي.“



ان موقعي تي چيف ايگزيڪٽو آفيسر - اين آرايس پي محترم راشد باجوه ڳالهائيندي چيو تہ ” هن پروگرام هيٺ ڪميونٽي ادارن جهڙوڪ: مقامي سهڪاري تنظيم (ايل ايس او) جي سنڌ حڪومت جي ادارن سان رابطاڪاري ۽ ڪاميابيءَ سان گڏجي ڪم ڪرڻ ساراھ جوڳو آهي، جيڪو لازمي طور تي پائدار ترقي لاءِ اهم قدم آهي.“

پي پي آر پي سنڌ حڪومت جي پروگرام ڪو آرڊينيٽر محترمہ عفت ملڪ ڪانفرنس ۾ شريڪ عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو تہ ”هن پروگرام ذريعي عورتن ثابت ڪيو آهي تہ ننڍي سطح تي ڪميونٽي جي ترقي لاءِ کنيل قدم عورتن، علائقي ۽ گڏوگڏ قوم لاءِ تبديلي ۽ ترقي جو سبب بڻبا. هتي پيش ڪيل تقريرن ۽ ايل ايس او پاران ورتل ڪوششون ٻڌائين ٿيون تہ ڀراڙِيءَ جون عورتون بهادر ۽ همت واريون آهن، بهتر اڳواٽي ڪري سگهن ٿيون ۽ هينئن سطح تي عملي قدمن ذريعي غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.“ ان موقعي تي سرسو سي اِي او محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ ڳالھ ٻولھ ڪئي. پاڻ شريڪ تمام مهمانن، ڪميونٽي ادارن جي نمائندن ۽ خاص طور تي سنڌ حڪومت جي منصوبي ۾ ڀرپور سهڪار ڪرڻ تي ٿورو مڃيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ اهو سهڪار ۽ جذبو اڳتي بہ جاري رهندو ،جنهن سان يقيني طور تي سنڌ جون ٻهراڙيون غربت مان پنهنجي جان آجي ڪري سگهنديون.

ڪانفرنس جي آخر ۾ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ، انڪم جنريٽنگ گرانٽ، ووڪيشنل ٽريننگ پروگرام، انٽرپرائيز ڊولپمينٽ، بزنس ڊولپمينٽ گروپ، ۽ گهٽ قيمت گهرن جي تعمير مان فائدو حاصل ڪندڙن ۾ چيڪ تقسيم ڪيا ويا.

سرسو چيئرمين محترم شعيب سلطان خان پروگرام ڪوآرڊينيٽر - پي پي آر پي (حڪومت سنڌ - پي ايم يو)، محترمہ عفت ملڪ ۽ سي اِي او - اين آر ايس پي محترم راشد باجوه ۽ سي اِي او سرسو محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو ايل ايس او روشني يو سي نورپور جي ڳوٺ ڪيهر خان شر ۾ آفيس جو افتتاح ڪيو. ٽيم بزنس ڊولپمينٽ گروپ (بي ڊي جي) پاران ننڍي سطح تي قائم اٽي چڪي جو بہ افتتاح ڪيو. هي ڪاروبار حڪومت سنڌ جي پي پي آر پي هيٺ عورتن پاران گڏيل طورشروع ڪيو ويوآهي. سرسو چيئرمين ان موقعي تي چيو تہ ”مقامي سطح تي ڪاروبارن کي زور وٺائڻ ذريعي روزگار ۽ آمدني پيدا ڪري غربت جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو. ان لاءِ ڪميونٽي ادارن جو قيام ۽ ڪردار اهم آهي، جيڪي هن وقت پنهنجو ڪردار بهتر طور تي ادا بہ ڪري رهيا آهن.“

مُک موضوع

# سماجي تحرڪ: پاڙ ي ائپ ۾ ڄڻادار ترقيءَ جي منزل جو پهريون ڏاڪو

(سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ڪم جو هڪ بنيادي شعبو ۽ ڪردار)

جائزو: علي انور آزاد



## تعارف

سماجي تحرڪ کي جٽادار سماجي تبديلي ۽ ترقيءَ واري منزل جو پهريون قدم سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو وڏي سطح تي غريب ماڻهن جو ترقي جي عمل ۾ شرڪت، سگهارو بڻائڻ، پاڙيرو ٿيڻ، غربت جي خاتمي، جٽادار سماجي ترقي ۽ تبديلي جو سبب بڻجي ٿو. ان ڪري ترقياتي تنظيمون سماجي تحرڪ کي پنهنجو هڪ اهم ڪردار سمجهن ٿيون ۽ ان کي هر منصوبي ۽ پروگرام جو لازمي جُز سمجهي هڪ مقصد ۽ حڪمت عملي طوراختيار ڪن ٿيون.

سماجي تحرڪ هڪ مقصد سان گڏ حڪمت عملي جو سڀ کان ڪامياب اوزار بہ آهي. جنهن جي ذريعي ترقياتي تنظيمون پنهنجا طئي ڪيل مقصد موثر طور تي حاصل ڪري سگهن ٿيون. اڪثر سٺي نموني تيار ڪيل منصوبا ۽ پروگرام سماجي تحرڪ کي اهميت نہ ڏيڻ، صحيح نموني سماجي تحرڪ شروع نہ ڪرڻ يا ان جي حڪمت عملي نہ جوڙڻ سبب ناڪام ٿيو وڃن، ڇوتہ ان ذريعي ئي مقامي ماڻهن توڙي لاڳاپيل ڌرين کي شروع کان وٺي آخر تائين ترقي جي عمل ۾ شامل ڪري ڀرپور نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

سماجي تحرڪ پائدار ترقياتي عمل لاءِ بہ هڪ ضروري عنصر آهي، ڇو تہ مقامي ماڻهن توڙي ٻين لاڳاپيل ڌرين جي ترقي واري عمل ۾ شرڪت ڪانسواءِ ڪو منصوبو شروع ٿي تہ سگهجي ٿو پر نہ ئي ڪاميابي سان مڪمل ڪري سگهجي ٿو. ان عمل ذريعي ئي سڀني ۾ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ، مالڪي ۽ ذميدارين جو احساس پيدا ٿئي ٿو.

## سماجي تحرڪ (سوشل موبلائيزيشن)

سماجي تحرڪ بنيادي طور تي هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن ۾ طئي ٿيل خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مقامي ماڻهن ۽ لاڳاپيل ڌرين کي پاڙيرو ڪرڻ ۽ جٽادار ترقي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪرڻ لاءِ منظم ۽ متحرڪ ڪيو ويندو آهي.

رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ (آر ايس پي اين) پاران 2009 ۾ ڇپيل سماجي جاڳرتا بابت مددي ڪتاب ۾ موبلائيزيشن جو سنڌي ترجمو جاڳرتا يا تحرڪ ڪيو ويو آهي. ان جي ڏنل تعريف مطابق "

## مُک موضوع

ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي قابليت وڌائڻ جو





اهڙو عمل جنهن ذريعي انهن جي لڪيل توانائيءَ کي متحرڪ سگهه ۾ تبديل ڪجي، جيڪا انهن کي پنهنجي ۽ پنهنجي سماج جي ڀلي لاءِ پاڻ پتوڙڻ ۾ مددگار ٿيندي. ماڻهن جو اهڙو ميڙ يا تنظيم ضابط اخلاق جي پابندي هوندي آهي.”

ترقياتي ماهر سماجي تحرڪ جا هيٺيان بنيادي ڏاڪا قرار ڏين ٿا، جيڪي هڪ ٻئي سان جڙي ڪنهن خاص ڪميونٽي يا علائقي ۾ سماجي تحرڪ يا سجاڳي جو عمل شروع ڪن ٿا.

**جانچڻ** (Probing): ڪميونٽي کي انهن جي چوڌاري عام سرگرمين تي بحث مباحثي ذريعي ڳولهڻ.

**حساسيت پيدا ڪرڻ** (Sensitizing): ڳالهه ٻولهه شروع ڪرڻ جنهن سان عام مسئلن ۽ انهن جي سبب تي بحث مباحثي ۽ سوچڻ جو عمل شروع ٿئي ٿو، ۽

**احساس ڏيارڻ** (Realizing): جڏهن ڪميونٽي ڪنهن مسئلي جي حساسيت سمجهه ۾ اچي ٿي.



## مُک موضوع

**تنظيم سازي ڪرڻ (Organizing):** ڪنهن بہ مسئلي تي ماڻهن يا ڪميونٽي جي هڪ طئي ٿيل ڍانچي ۾ گڏيل ڪوشش ڪرڻ واري تصور کي تنظيم سازي چيو وڃي ٿو.

**تحرڪ وٺڻ (Mobilizing):** ڪميونٽي يا اداري کي سمجهيل مسئلي ۽ ان جي طئي ڪيل حل تي عملي طور سرگرم ڪرڻ يا ٿيڻ.

سماجي تحرڪ کي بهتر بنيادن تي شروع ڪرڻ لاءِ مختلف حڪمت عمليون اختيار ڪرڻ ضروري هونديون آهن. جيڪي مقامي سماجي، معاشي، ترقياتي، ثقافتي، ماحولياتي ۽ قانوني حقيقتن کي ڏسي ماڻهن سان گڏجي ڳاهي ۽ اپنائي سگهجن ٿيون. تڏهن ئي گهربل مقصد ماڻي سگهجن ٿا. متحرڪ اڳواڻ جي چونڊ، رسمي تنظيمي ڍانچو، مختلف لاڳاپيل ڌرين سان رابطاڪاري ۽ شموليت، گڏيل فيصلا سازي ۽ واضع خواب ۽ مقصد طئي ڪرڻ، ۽ سماجي تحرڪ جي حڪمت عملي جو باقاعده گڏيل جائزو وٺڻ شامل آهي.

### سماجي تحرڪ: تصور کان عمل تائين

سماجي تحرڪ يا جاڳرتا کي هڪ تصور ۽ سوچ کان وٺي ترقي جي عمل ۾ مقامي ماڻهن خاص طورتي پوئتي پيل گروهن ۽ فردن جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ، پائدار تبديلي ۽ ترقي جا مقصد حاصل ڪرڻ، غربت جي گهٽتائي ، ڳوٺاڻي ترقي، سماجي سجاڳي، منصوبن جي مالڪي ۽ شفافيت لاءِ هڪ ڪامياب ۽ موثر حڪمت عملي طور تسليم ڪرائڻ جو سهرو ٻهراڙيءَ جي سهڪاري پروگرامن تي آهي. هينئر سماجي تحرڪ ۽ سجاڳيءَ کي پوري دنيا ۾ سرڪاري توڙي مدد ڪندڙ ادارا ۽ ترقياتي تنظيمون پنهنجي ڪم ۾ حڪمت عملي جو هڪ لازمي حصو سمجهن ٿا.

آغا خان ڳوٺاڻو سهڪاري پروگرام (اي ڪي آر ايس پي) پاڪستان جو پهريون ڳوٺاڻو سهڪاري پروگرام آهي، جيڪو 1982 ۾ آغا خان فائونڊيشن جي مالي سهڪار سان ترقياتي پائيواري آچيندي ملڪ جي اترين علائقن ( گلگت، هنزا، نگر بلتستان) ۽ چترال سرحدي صوبي ۾ شروع ڪيو ويو. محترم شعيب سلطان خان جي سرواڻيءَ هيٺ آغا خان سهڪاري پروگرام پنهنجي ڪم جو تصور ڊاڪٽر اختر حميد خان جي ڪم ۽ 19 صديءَ ۾ اولهہ يورپ ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ سهڪاري عمل جي تجربن مان ڪنيو.اي ڪي آر ايس پي جي ڪاميابي کي رهنما بڻائيندي، اترين علائقن ۾ جوڙيل ان طور طريقي کي وڌائڻ لاءِ پاڪستان جي ٻين علائقن ۾ بہ ڳوٺاڻا ترقياتي ادارا ناهيا ويا. پهريون 1989 ۾ سرحد ڳوٺاڻو ترقياتي ادارو (ايس آر ايس پي) ۽ 2003 ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ناهيو ويو. (حوالو: سماجي جاڳرتا بابت مددي ڪتاب 2009، آر ايس پي اين).

### سماجي تحرڪ ۾ سماجي ڪارڪنن ۽ تنظيمن جو ڪردار

رورل سپورٽ پروگرام جي ترقياتي فلاسافي مطابق سماجي تحرڪ ۽ سماجي جاڳرتا ۾ تنظيم سازي اهم قدم آهي. ”جيڪي ماڻهو گڏجي ڪنهن گڏيل مقصد خاطر نظم وضبط سان گڏجي ڪم ڪن، ان کي تنظيم چئبو آهي،”ماڻهن جو اجتماعي طورتي هڪٻئي سان ملي ڪري پنهنجن مسئلن جي حل جي لاءِ منظم ڪوشش جو نالو تنظيم آهي. تنظيم اجتماعي اختيار ۽ طاقت جو استعمال آهي. جنهن جو

## مُک موضوع

مقصد سيني جي آزادي کي برقرار رکندي هم خيال ماڻهن پاران پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ ۽ پوءِ ان تي عمل ڪرڻ شامل آهي.

سماجي تحرڪ ۾ هڪ ترقياتي ڪارڪن ۽ ڪميونٽي اداري يا تنظيم جو ڪردار اهم هوندو آهي، ترقياتي ڪارڪن مقامي طور تي علائقي ۽ اتان جي ماڻهن، انهن جي رهڻي ڪهڻي، مسئلن ۽ ضرورتن کان پلي پت واقف هوندو آهي ۽ انهن جي بهتري ۽ تبديليءَ لاءِ دلي طور تي خواهش به رکي ٿو. ان ڪري اهو هڪ موثر ڪردار ادا ڪري سگهي

### ڪميونٽي ادارا، سطحون ۽ بنيادي ڪم

| سطح 1: پاڙي جي تنظيم (سي او)<br>Community Organization | سطح2: ڳوٺاڻي تنظيم (وي او)<br>Village Organization | سطح3: مقامي مددگار تنظيم (ايل ايس او)<br>Local Support Organization |
|---|---|---|
| هي پاڙي سطح جي تنظيم هوندي آهي.<br>سي او جا اهم ڪم<br>گهريلو سطح تي ضرورتن جي ڪٿ ڪرڻ ۽ رٿا بندي ڪرڻ<br>بچت ڪرڻ.<br>قرض لاءِ مستحقن جي نشاندهي ڪرڻ ۽جائزو وٺڻ.<br>قرض جي صحيح استعمال کي يقيني بڻائڻ.<br>غريب ترين ماڻهن کي ميمبر بڻائڻ.<br>سکيا ۽ ان جي صحيح استعمال لاءِ ميمبرن جي چونڊ ڪرڻ.<br>سرگرمين بابت وي او کي رپورٽ ڪرڻ،<br>ضرورت جي حساب سان ادارن کان ننڍيون اسڪيمون وٺڻ ۽ عمل ڪرڻ.<br>هن سطح جي تنظيمن جو ڍانچو گهڻو ڪري جنرل باڊي ۽ عهديدارن تي هوندو آهي.<br>هن سطح جي تنظيمن جو ڍانچو گهڻو ڪري جنرل باڊي ، ڪاروباري ڪاميٽي ۽ عهديدارن تي ٻڌل هوندو آهي. | • ڳوٺ سطح جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ.<br>• مسئلن جي حل لاءِ ادارن سان رابطاڪاري ڪرڻ<br>• سي اوز جي چڪاس ۽ نظرداري ڪرڻ ۽ انهن جو رڪارڊ ڏسڻ.<br>• ڳوٺن جي گهراڻن جي غربت جي تصديق ڪرڻ.<br>• سي اوز سان گڏجي ڳوٺ سطح جي سرگرميون ڪرڻ.<br>• سي اوز سا گڏجي ڳوٺ جي ترقياتي رٿا جوڙڻ.<br>• ترقياتي اسڪميون جوڙڻ ۾ سي اوز جي مدد ڪرڻ.<br>• مقامي وسيلن کي ڪتب آڻڻ ۽ سيني سي اوز جي انهن جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ.<br>• سي اوز ۽ پنهنجي سرگرمين بابت ايل ايس او کي رپورٽ ڪرڻ.<br>• هن سطح جون تنظيمون گهڻو ڪري اجتمائي ڪم ۽ فائدن سان ڳنڍيل هونديون آهن.<br>• هن سطح جي تنطيمن جو ڍانچو گهڻو ڪري جنرنل باڊي ، ڪاروباري ڪاميٽي ۽ عهديدارن تي ٻڌل هوندو آهي. | • وي اوز جي رڪارڊ، حاضري ۽ سرگرمين جي چڪاس ڪرڻ ۽ نظرداري ڪرڻ.<br>• يو سي سطح جون رٿائون جوڙڻ لاءِ وي اوز سان رابطاڪاري ڪرڻ.<br>• جتي ضرورت هجي سي اوز ۽ وي اوز جي ڪمن ڪارن ۾ مدد مهيا ڪرڻ.<br>• ٻين ادارن جهڙوڪ سرڪاري، مقامي حڪومت ۽ خانگي شعبي ۽ مالي سهڪاري ادارن سان ناتا جوڙڻ.<br>• هر پليٽ فارم تي وي اوز ۽ سي اوز جي مفادن کي پيش ڪرڻ.<br>• پنهنجي ميمبر وي اوز ۽ سي اوز جي لاءِ اندروني ۽ ٻيروني وسيلن کي ڪتب آڻڻ.<br>• ميمبرشپ في جي مناسب استعمال بابت ميمبر وي اوز ۽ سي اوز کي رپورٽ ڪرڻ.<br>• يو سي سطح جي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ.<br>• مسئلن جي حل لاءِ ادارن سان رابطاڪاري ڪرڻ<br>• هن سطح جون تنظيمون گهڻو ڪري اجتمائي ڪم ۽ فائدن سان جڙيل هونديون آهن.<br>• هن سطح جون تنظيمون پنهنجي رجسٽريشن به ڪرائينديون آهن |

(حوالو: سماجي جاڳرتا بابت مددي ڪتاب 2009، آر ايس پي اين)

## مُک موضوع




ٿو. عام طور تي ترقياتي ادارا مقامي ۽ تربيت يافته ڪارڪنن کي سماجي تحرڪ جو عمل شروع ڪرڻ ۾ اوليت ڏيندا آهن. ان ڪردار کي موثر ۽ منظم طريقي سان ادا ڪرڻ لاءِ مقامي سطح جا ترقياتي ادارا جوڙيا وڃن ٿا جيڪي منظم ڪوشش ۽ منصوبن ذريعي هڪ سهولتڪار طور سماجي تحرڪ ۽ سجاڳي جو ڪم سر انجام ڏين ٿا..

آر ايس پي اين جي مطابق سماجي تحرڪ هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن ۾ ماڻهو منظم ٿين ٿا ته جيئن اهي پنهنجي ترقي بابت سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ جي قابل ٿين. سماجي تحرڪ ذريعي ٻهراڙي ۽ شهرن جي ڪچي آبادين ۾ ٽن سطحن تي تنظيم سازي (پاڙي سطح جي تنظيم، ڳوٺاڻي تنظيمن ۽ مقامي سهڪاري تنظيم) جوڙي وڃي ٿي.

پهرين سطح پاڙي جي تنظيم (ڪميونٽي تنظيم) جي ٺئي ٿي، جنهن ۾ عام طور 15 کان 20 گهراڻا شامل ٿين ٿا ۽ گهراڻي سطح تي ترقي، تربيت ، بچت ۽ قرض جون سرگرميون ڪري ٿي، جڏهن ته ٻئين سطح ڳوٺاڻي تنظيم (وليج آرگنائيزيشن ) جي ٺئي ٿي، جيڪا ڳوٺ ۾ نهيل پاڙي سطح جون تنظيمون گڏجي جوڙين ٿيون. ٽئين سطح تي مقامي سهڪاري تنظيم (لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن) جوڙِي وڃي ٿي، جيڪا ڳوناڻي تنظمون گڏجي يونين ڪائونسل سطح تي جوڙين ٿا. اهڙي طرح سماجي تحرڪ جو عمل شروع ڪيو وڃي ٿو.

سماجي تحرڪ جي فن کي سائنسي انداز ۾ سمجهڻ ۽ ان هنر بابت ترقياتي تنظيم توڙي سرگرم ڪارڪن کي ضروري ڄاڻ ۽ مختلف مهارتون سکڻ ضروري آهن. تنظيم لاءِ ضروري آهي ته اها پنهنجي اداري ۽ پروگرام ۾ سماجي تحرڪ کي هڪ اهم حڪمت عملي طور شامل ڪري. جڏهن ته ڪارڪنن لاءِ گهربل مهارتون جهڙُوڪ: ترقي ڇا آهي، سماجي






تبديلي جو عمل ۽ ان تي اثر انداز ٿيندڙ عنصر، ماڻهن ۽ سرڪاري ۽ ٻين مدد ڪندڙ ادارن سان پيروڪاري، رابطاڪاري، ۽ ابلاغ جون مهارتون سکڻ اهم آهن.

## سرسوءِ سماجي تحرڪ

سرسو ڀهراڙيءَ جي ترقيءَ ۾ هڪ مددگار ادارو آهي ۽ پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ سيني ڳوناٽي سهڪاري پروگرامن جي گڏيل اداري (رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ ) جو هڪ حصو آهي. سيئي ڳوناٽا سهڪاري ادارا سماجي تحرڪ کي پنهنجي ڪم جو بنياد سمجهن ٿا .




سرسو ترقي جي عمل ۾ منظم ڪيل ماڻهن ۽ ڪميونٽي ادارن جي ڪردارکي اهميت ڏئي ٿي. ان ڪري هر پروگرام ۽ ترقياتي عمل جو بنياد سماجي تحرڪ تي رکيو ويندو آهي. سرسو هڪ سهولتڪار طور ان سڄي عمل ۾ مقامي ماڻهن سان شامل رهي ٿي. سرسو سمجهي ٿي تہ عورتن جي ترقي واري عمل ۾ ڀرپور شرڪت ۽ سماجي تحرڪ جي عمل کانسواءِ ممڪن ناهي.

| نمبر | عنوان | تفصيل |
|---|---|---|
| 1 | ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) جو تعداد | 67،128 |
| 2 | وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) جو تعداد | 12،361 |
| 3 | لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جو تعداد | 462 |

سماجي تحرڪ جي ذريعي ڪم ڪرڻ جي چونڊ ڪيل علائقي جي ماڻهن سان رابطو ڪجي ٿو، انهن کي احساس ڏياري، شعور جي لاٽ ٻاري وڃي ٿي، ان ڪان پوءِ اهي پنهنجن مسئلن ۽ ضرورتن جي حل لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو پڪو پهه ڪن ٿا ۽ ان لاءِ مضبوط بنيادن تي جدوجهد ڪرڻ جي حڪمت عملي جوڙين ٿا. جنهن لاءِ ڪين تنظيم سازي جي ضرورت پوي ٿي. اهڙي طرح سماجي تحرڪ ڪجهه ڪرڻ جي احساس سان شروع ٿي مقامي تنظيم جوڙڻ واري عمل جو روپ وٺي ٿي ۽ ترقي جي عمل ۾ منظم طريقي سان شامل ٿي وڃن ٿا.

سرسو پنهنجين سرگرمين جو آغاز چونڊ ڪيل علائقي جي ڪميونٽي سان تعارف ڪرائڻ ۽ بنيادي سروي ذريعي سماجي تحرڪ جو عمل شروع ڪري ٿو. جيڪو پوءِ ڪميونٽي ادارن جي قيام، صلاحيت سازي ۽ عملي شراڪت داري تائين پهچي ٿو. سرسو جي ڊسمبر 2019 تائين جي ڪم ڪرڻ جي پُهچ رپورٽ مطابق " هن وقت سرسو سنڌ جي 15 ضلعن اندر عملي طور تي ڪم ڪري رهي آهي،. جنهن ۾ انهن ضلعن جا 17،347 ڳوٺ، 707 يونين ڪائونسلون

۽ 86 تعلقا اچي وڃن ٿا.جڏهن تہ 67،128 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) 12،361 وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) ۽ 462 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) قائم ڪيون ويون آهن".

سرسو جي سماجي تحرڪ جو محور ۽ مرڪز پنتي پيل علائقن جون عورتون آهن، جيڪي ڪنهن پروگرام يا منصوبي ۾ صرف هڪ فائدو وٺندڙ ناهن هونديون، پر پنهنجي ۽ پنهنجي علائقي جي پوري ترقي جي عمل جو فيصلو ۽ اڳواٽي ڪندڙ بہ آهن. تنظيمون جوڙڻ ڪان وٺي، علائقي جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون وٺڻ، عملي منصوبہ سازي ڪرڻ ۽ منصوبا هلائڻ تائين عورتون اڳواٽيءَ وارو ڪردار ڀرپور طريقي سان ادا بہ ڪري رهيون آهن.سرسو ڳوٺاڻين عورتن جي ترقيءَ واري عمل ۾ شرڪت ۽ اڳواٽيءَ واري ڪردار جي اهميت ۽ سامهون ايندڙ نتيجن ڪي مقامي سطح ڪان علاوه ٻيا مالي سهڪار ڪندڙ ۽ سرڪاري ادارا بہ تسليم ڪري رهيا آهن. خاص طور سنڌ حڪومت پنهنجي غربت گهٽائڻ واري پاليسي ۽ پروگرامن ۾ عورتن ڪي ئي اوليت ۽ اڳواٽي ڏئي ٿي.



## ڪميونٽي ادارن ۾ متحرڪ ڪارڪنن سان ڳالهہ ٻولهہ

### رابطاڪاري، خيالن، تجربن ۽ مسئلن ڄاڻڻ جو سنهري موقعومهيا ڪن ٿيون

### سرسو جو سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو چوي ٿو

سرسو ڪميونٽي ادارن، سرسو انتظاميہ، سرڪار، چونڊيل نمائندن ۽ سهڪاري ادارن جي وچ ۾ رابطاڪاري، خيالن ۽ تجربن جي ڏي وٺ ۽ واڌاري لاءِ باقاعدگي سان هر سال موقعا پيدا ڪندي رهندي آهي.ان مقصد سان ڪميونٽي ادارن سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ متحرڪ ڪميونٽي ڪارڪنن جا ورڪشاپ ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪيون وڃن ٿيون. جيڪي سماجي تحرڪ جي حوالي سان بہ اهم آهن. جنهن ذريعي سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن ڪي هڪ ٻئي سان هيٺين سطح تي گڏجڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو. سال 2019 پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ سکر ۾ لاڙڪاڻي ۾ متحرڪ ڪارڪن عورتن سان ڳالهہ ٻولهہ پڻ ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪميونٽي ادارن جي 10،000 هزارن ڪان وڌيڪ عورت نمائندن شرڪت ڪئي.






اهڙيءَ طرح 2019ع خيرپور ۽ شڪارپور ضلعن ۾ ڪميونٽي ادارن جي ڪارڪن عورتن سان پڻ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي، جنهن ۾ سرسو جي چيئرمين محترم شعيب سلطان خان ۽ عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام - پي پي آر پي، حڪومت سنڌ جي پروگرام ڪوآرڊينيٽر محترمہ عفت ملڪ پڻ شرڪت ڪئي.

جڏهن تہ ڪميونٽي ۽ انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس ۽ ورڪشاپ ٻي اهم سرگرمي آهي، جيڪا سرسو جي سماجي تحرڪ جي ڪم ڪي وڌيڪ بهتر بڻائي ٿي. ان حوالي سان سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو چوي ٿو "سماجي تحرڪ صرف ڪميونٽي ڪي منظم يا متحرڪ ڪرڻ جو نالو ناهي، پر ان ۾

تمام سماجي، معاشي ۽ سياسي ادارن ۽ گروهن جو شامل ٿيڻ ۽ ڪرڻ به ضروري هوندو آهي. ان ڪري سرسو هرسطح تي انهن تمام گروهن ۽ ادارن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ ترقي جي عمل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ موقعا فراهم ڪري ٿي.“




هن وڌيڪ ٻڌايو ته ”ان سلسلي ۾ ڪميونٽي ادارن سان ڳالهه ٻولهه ۽ انتظامي ۽ متحرڪ ڪارڪنن جي ڪانفرنس يا ورڪشاپ جو انعقاد ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو بنيادي مقصد مقامي سطح تي ترقي جي عمل سان لاڳاپيل تمام ڌرين خاص طور تي چونڊيل نمائندن، ضلعي انتظاميه، خدمتون مهيا ڪندڙ سرڪاري محڪمن، ۽ غير سرڪاري تنظيمن کي شريڪ ڪجي ٿو، مقامي مسئلن ۽ ضرورتن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي ٿي ۽ انهن جي حل ۾ ادارن جي ڪردار تي بحث ڪجي ٿو.“ ان بابت وڌيڪ معلومات ڏيندي چيو ته ”اها سرگرمي عام طور تي يونين ڪائونسل سطح تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او) پاران منعقد ڪئي وڃي ٿي. هن وقت سرسو جي ٻن اهم پروگرامن سنڌ حڪومت جي مدد سان 6 ضلعن ۾ هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جوپروگرام (پي پي آرپي) ۽ يورپين يونين جي مدد سان ٻن ضلعن ۾ هلندڙ سڪسيس پروگرام ۾هڪ اهم سرگرمي طور شامل آهي. جنهن جي هر ڪانفرنس ۽ ورڪشاپ ۾ 100 کان وٺي 1000 هزار تائين به لاڳاپيل ڌريون شرڪت ڪري چڪيون آهن. ان ذريعي ايل ايس اوز کي علائقي جي اهم مسئلن جي حل ۾ ڪيترين ئي ڪاميابيون به ملي چڪيون آهن.“

## خلاصو

سماجي تحرڪ بنيادي طور ترقي جي عمل ۾ منظم طريقي سان ماڻهن کي شامل ڪرڻ جو نالو آهي. ان عمل ۾ صرف مقامي ڪميونٽي ئي نه پر ٻيا سماجي، سياسي ۽ انتظامي ادارا ۽ گروهه به حصو هوندا آهن.. انهن سڀني جي ڀرپور سهڪار ۽ شراڪتداريءَ ڪانسواءِ پائدار ترقيءَ جا مقصد حاصل نٿا ڪري سگهجن. سماجي تحرڪ کي سڄي دنيا ۾ مدد ڪندڙ ادارا، ترقياتي تنظيمون ۽ حڪومتون هڪ حڪمت عملي طور تسليم ڪيو آهي. سرسو پڻ ٻين رورل سپورٽ پروگرامن جيان سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا کي پنهنجي ترقياتي ڪم جو بنياد سمجهي عمل ڪري رهي آهي. سماجي تحرڪ جي عمل ۾ ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن کي سهولتڪار وارو ڪردار ادا ڪرڻو هوندو آهي. ان ڪري انهن جي سکيا لازمي آهي. جنهن ۾ سماجي تبديلي، ترقي ۽ سماجي ادارن ۽ محرڪن کي سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ ۽ عمل ڪرڻ لاءِ لازمي مهارتون سکڻ اهم آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مقامي، قومي ۽ عالمي ترقياتي لاڙن ۽ رجحانن کي ڏسي سماجي تحرڪ جي تفصيلي ۽ مربوط پاليسي جوڙي ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ گهربل مهارتون پيدا ڪرڻ لاءِ ترقياتي ڪارڪنن ۽ تنظيمن جي تربيت ۽ رهنمائي پڻ ڪئي وڃي.

سرسو عمل ۾:

# چھ ماهي دوران ڪيل اهم سرگرميون

## سرسو چيئرمين محترم شعيب سلطان خان ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر - پي پي آر پي (حڪومت سنڌ) محترمہ عفت ملڪ ايل ايس او خوشحال نيٽ ورڪ ضلعي شڪارپور جو دورو



سرسو چيئرمين ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر - پي پي آر پي (حڪومت سنڌ) ايل ايس او خوشحال نيٽ ورڪ تعلقي لکي، ضلعي شڪارپور جو ڊسمبر 20، 2019 تي دورو ڪيو. هن دوري ۾ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر - سرسو محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، اي ڊي سي 1، ڊپٽي ڊائريڪٽر وومن ڊولپمينٽ، تعليم، صحت، آباديءَ جي پلائي ۽ وومين سيل جا نمائندا پڻ گڏ هئا. جڏهن تہ 93 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس ۽ 19 ايل ايس اوز جا نمائندا ڳالھ ٻولھ ۾ شريڪ ٿيا. ايل ايس او جي چيئرپرسن محترمہ گلشاد مهمانن کي ڀلي ڪار ڪيو ۽ اداري جي بريفنگ ڏني. ۽ سي آءِ ايف مان فائدو حاصل ڪندڙن پنهنجون ڪامياب ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون ۽ سرسو جي سهڪار سان سندن زندگين ۾ آيل تبديلين جو ذڪر ڪيو. ان موقعي تي سرسو جي چيئرمين شعيب سلطان خان ڳالهائيندي چيو تہ

”توهان سڀ تعريف لائق آهيو، توهان جون غربت جي خاتمي ۽ پنهنجو پاڻ کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪوششون اهم آهن.“ هن شريڪ ڪميونٽي ادارن جي نمائندن کي تجويز ڏيندي چيو تہ ”پائداري ترقيءَ لاءِ حڪومتي ادارن سان رابطاڪاري کي مضبوط ڪيو وڃي. “ ان موقعي تي محترمہ عفت ملڪ پڻ عورتن کي خطاب ڪندي چيو تہ ”مون کي توهان سان ملي ۽ توهان جي ڪيل ڪم کي ڏسي سرهائي ٿي آهي، اميد تہ اڳتي بہ پنهنجيءَ جدوجهد کي جاري رکنديون.“

## نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) جي افتتاحي تقريب

سرسو پاران عمل هيٺ ايندڙ پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (پي پي اي ايف) جي شراڪتداري سان شروع ٿيندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پرگرام (اين پي جي پي) جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي ويئي. هي پروگرام حڪومت پاڪسان ۽ انٽرنيشل فنڊ فار ايگريڪلچر ڊولپمينٽ (آءِ ايف اي ڊي) جي مالي مدد سان شڪارپور ۽ ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو آهي. جنهن هيٺ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ



## سرسو عمل ۾:

گهراڻن کي هڪ دفعو پئداواري سرمايو ڏيئي غربت جي لڪير مان هميشہ لاءِ جان آجي ڪرائڻ آهي. پروگرام جو بنيادي مقصد غريب گهراڻن جي پائدار بنيادن تي عورتن ۽ نوجوانن جي ترقياتي صلاحيت کي لائق بڻائڻ ذريعي غربت مان ٻاهر ڪڍڻ آهي تہ جيئن هو پنهنجي خوراڪ جي تحفظ، غذا جي اهميت ۽ موسم جي تبديلين کي مؤثر طريقي سان منهن ڏيئي سگهن.

### يو ايس ايڊ- حب اسڪولن ۾ آزاديءَ جو ڏينهن ملهايو ويو

يو ايس ايڊ ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ حب اسڪولن (گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر ۽ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سَمي



خيرپور ۾ پاڪستان جي آزادي جو ڏينهن تعليم کاتي سان گڏجي آگسٽ 14 ۽ 22، 2019 تي سکر ۽ خيرپور ۾ ملهايو ويو.

ڊپٽي ڪمشنر سکر گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر ۾ خاص مهمان هو. جڏهن تہ محترم مرتضيٰ علي شيخ ۽ سيد فهد علي شاهه خيرپور اسڪول ۾ خاص مهمان هئا. پروگرام ۾ سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ شرڪت ڪئي. هي ڏينهن ملهائڻ جو بنيادي مقصد خاص طور تي ٻارڙن ۾ آزادي جي ڏينهن جي اهميت ۽ آزادي لاءِ ڏنل قربانين کي ياد ڪرڻ هو. پروگرام ۾ ٻارڙن هن ڏينهن جي حوالي سان مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ مهمانن آزادي ۽ ڏينهن جي اهميت تي پنهنجا ويچار ونڊيا.

### سڪسيس پروگرام هيٺ سرگرم ڪارڪنن جو ورڪشاپ

آگسٽ 6، 2019 تي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "ساٿ" يو. سي طيب، تعلقو رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو ۾ سرگرم ڪارڪنن جو ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. هي ورڪشاپ يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ منعقد ڪيو ويو هو. ورڪشاپ جو مقصد سرسو جي ڪميونٽي ادارن جي نمائندن، سرڪاري ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي پليٽ فارم مهيا ڪرڻ هو، تہ جيئن انهن کي پروگرام جي سرگرمين بابت آگاهي ۽ پاڻ ۾ رابطاڪاري مضبوط ڪري سگهجي. ورڪشاپ جو خاص مهمان يونين ڪائونسل چيئرمين محترم ممتاز علي سهاڳ هو. ورڪشاپ ۾ ڪميونٽي ادارن جي 100 کان وڌيڪ عورت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ ايل ايس او ساٿ جي عورت اڳواڻن سڪسيس پروگرام جي اهم سرگرمين، ڪاميابين ۽



## سرسو عمل ۾:

تجربن بابت آگاهه ڪرڻ سان گڏوگڏ يونين ڪائونسل جا اهم ترقياتي منصوبا ۽ درپيش مسئلا پڻ ٻڌايا. ان موقعي تي يو.سي چيئرمين ممتاز علي سهاڳ سرسو جي سرگرمين ڪي ساراهيو ۽ ان عمل ۾ ايل ايس او سان ڀرپور سهڪار جاري رکڻ جو يقين ڏياريو. ان موقعي تي هن ايل ايس او کي 5 نلڪا ۽ 5 سولر پليٽون ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو.

# عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام هيٺ سکر ۾ ڪميونٽي ڪانفرنس

## پي پي پي چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جن جو خطاب




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) 11 جولاءِ 2019ع تي سکر ۾ ڪميونٽي ڪانفرنس منعقد ڪئي. هي ڪانفرنس سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس جو مُک مهمان پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرداري هو. جڏهن ته سنڌ جو وزير اعليٰ محترم سيد مراد علي شاهه ۽ سابق وزير اعليٰ سنڌ محترم سيد قائم علي شاهه جن خاص مهمان هئا. ڪانفرنس ۾ ايم اين ايز، ايم پي ايز، گهوٽڪي، خيرپور، لاڙڪاڻو، قمبر- شهدادڪوٽ، جيڪب آباد، شڪارپور، ڪشمور، نوشهروفيروز ضلعن مان سرسو جي ڪميونٽي ادارن، ڪميونٽي آرگنائيزيشنس، وليج آرگنائزيشنس ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس جي عورت اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي محترم بلاول چيو ته ”عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام يقيني طور تي غريب گهراڻن خاص طور تي عورتن جي زندگي ۾ خوشحالي آڻيندو.“ هن وڌيڪ چيو ته ”سرسو پاران عمل ۾ آڻيندڙ هن پروگرام جي هر هنڌ واکاڻ ٿي رهي آهي. پروگرام جي ڪاميابين کي ڏسندي يورپين يونين به هڪ پروگرام سڪسيس نالي سان لاڙڪاڻو ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ۾ هلائڻ جو فيصلو ڪيو. سرسو هڪ ملين گهراڻن کي معاشي طور سگهارو پڻ ڪيو آهي، جنهن ۾ عورتن کي بغير وياج جي ننڍا قرض ڏنا ويا آهن ۽ انهن لاءِ هنري سکيا جا موقعا مهيا ڪيا ويا آهن. جيڪو ساراهه جوڳو ڪم آهي.“
وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ”عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام جي ڪاميابين کي ڏسندي ان کي سنڌ جي سمورن ضلعن تائين وڌايو ويندو، ته جيئن سڄي سنڌ جا غريب گهراڻا ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهن. “ ان کان اڳ مختلف ضلعن ۾ پرگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن پنهنجي ڪاميابين ۽ تبديلين جون ڪهاڻيون ٻڌايون. محترم بلاول ڀٽو زرداري هن موقعي تي سرسو پاران لڳايل مختلف اسٽال وزٽ ڪيا ۽ هنرمند عورتن پاران شروع ڪيل ڪاروبار ۽ تنظيمن بابت معلومات ورتي. ڪانفرنس ۾ ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه، ايم اين اي نعمان اسلام شيخ، پي پي پي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو، ايم اين اي سيده نفيسه شاهه، صوبائي وزير سعيد غني، سيد ناصر حسين شاهه، سيد اويس قادر شاهه، صلاحڪار مرتضيٰ وهاب ۽ ميئر سکر ارسلان اسلم شيخ پڻ شريڪ ٿيا.

## سوشل پروٽيڪشن اسٽريٽجي يونٽ (ايس پي ايس يو) حڪومت سنڌ، ٺٽو ۽ بدين جو دورو



سنڌ حڪومت جي سوشل پروٽيڪشن اسٽريٽجي يونٽ جي هڪ وفد ٺٽو ۽ بدين ضلعن جو دورو ڪيو. وفد ۾محترمه صبا اسلم، محترم حسين، محترم عظمت دراني ۽ محترم راشد شامل هئا. سرسو پاران عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام جو ٽيم ليڊر محترم غلام رسول سميجو جن پڻ ٽيم سان گڏ هئا. وفد ڳوٺ سليم ملاح، هارون راڄو، وارجنگ ڪولهي (بدين) ۽ ڳوٺ علي محمد شيخ (ٺٽو) جو دورو ڪيو ۽ اتي ڳوناٽي ڪميونٽين سان گروهي مباحثا (ايف ڊي جيز) منعقد ڪيا. جنهن ۾ منصوبي جي پسمنظر ۽ بنيادي مقصدن، پروگرام جي سرگرمين جي نتيجي ۾ سامهون آيل اثرن ۽ ڳوناٽي ترقي جي مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. بحث مباحثي ۾ اها ڳالهه ٻولهه به سامهون آئي ته ڳوناٽي آبادي جو زراعت ۽ چوپايي مال جي پالنا سڀ کان اهم روزگار ۽ معيشت جا ذريعا آهن، ان ڪري انهن ۾ ترقي ۽ سيڙپ ڪانسواءِ ڳوناٽي ترقي ۽ غريب گهراڻن کي غربت کان آجو نٿو ڪري سگهجي.

## بدين ۾ ڪميونٽي پاران صاف ۽ سائي سنڌ مهم جو آغاز

سرسو ضلعي بدين جي منظم ڪيل ڪميونٽي جولاءِ 2019 ۾ فيصلو ڪيو ته عوام جي غربت گهٽائڻ جو

## سرسو عمل ۾:

پروگرام(پي پي آر پي) حڪومت سنڌ تحت ڪميونٽي انويسٽ فنڊ (سي آءِ ايف) مان فائدو حاصل



ڪندڙ هر گهر ۾ هڪ وڻ لڳائيندا تہ جيئن قدرتي ماحول کي بهتر ڪري هڪ صاف ۽ سائي سنڌ واري خواب جي ساپيان طرف وڌي سگهجي. ان مقصد لاءِ بدين ضلعي ۾ صرف جولاءِ مهيني ۾ 1,258 بوٽا لڳايا ويا.

### عمرڪوٽ ۾ پي پي آر پي - حڪومت سنڌ هيٺ انتظامي ڪارڪنن جي ڪانفرنس

سرسو پاران سنڌ حڪومت سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرم (پي پي آر پي) هيٺ انتظامي ڪارڪنن جي ڪانفرنس ڳوٺ مانڊل يونين ڪائونسل ڪاروڙوسيد ضلعي عمر ڪوٽ ۾ تي



گذري، جنهن جو خاص مهمان محترم حق نواز شر اي ڊي سي 1 عمر ڪوٽ هو. ڪانفرنس ۾محترم سردار پيو (چيئرمين رين نيٽ ورڪ)، محترم مير حسن آريسر (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سي ايس پي)، محترم عبدلجليل پيو (ڊبيلو ايف پي)، محترم سليمان راهمون (پي ڊبيلو ڊي، حڪومت سنڌ)، محترم محمد پلي ۽ منارام (سي ڊبليوايس) ۽ پروگرام هيٺ منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن جي 800 کان وڌيڪ عورت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ سرسو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر ڪانفرنس جي مقصدن ۽ پروگرام جي اهم سرگرمين ۽ ڪاميابين بابت آگاهي ڏني. عورت ڪارڪنن پڻ پنهنجي علائقي جا اهم مسئلا ۽ پروگرام جا تجربا ٻڌايا.

اي ڊي سي حق نواز شر پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ ” ايڏي وڏي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ پي پي آر پي جي سرگرمين ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن جي ڪمن جي تعريف ڪانسواءِ نٿو رهي سگهجي ۽ جس هجي خاص طور تي شريڪ عورتن کي جن وڏي جوش جذبي سان شريڪ ٿيون ۽ پنهنجا مسئلا ۽ تجربا ٻڌايا آهن. هن ضلعي انتظاميا پاران هر حوالي سان سهڪار جاري رکڻ جو وچن ورجايو.“

آخر ۾ چونڊيل 175 ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ، 47 آءِ جي جي ۽ 12 گهٽ قيمت گهرن جي تعمير لاءِ عورتن ۽ گروپن ۾ چيڪ پڻ ورهايا ويا.

### خيرپور ۾ ايم اين اي محترمہ سيده نفيسہ شاهہ جي انتظامي ڪارڪنن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت

حڪومت سنڌ جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام(پي پي آر پي) هيٺ قائم ڪميونٽي ادارن پاران آڪٽوبر 15، 2019 تي ڳوٺ مينهل اڄڻ يونين ڪائونسل جسڪاڻي تعلقي ڪوٽڏجي ضلعي خيرپور ۾انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس جي مهمان خاص پي پي پي جي چونڊيل ميمبر قومي اسيمبلي






محترمہ سيده نفيسہ شاھ ھئي. جڏھن تہ محترم ذوالفقار شيخ اسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر، محترم نذير حسين ميربحر وٽنري آفيسر، محترم خالد احمد جسڪاڻي يو سي چيئرمين ۽ محترم شير ماڪول، ميمبر ضلعي ڪائونسل جن پڻ شرڪت ڪئي.

ڪارڪنن جي ڪانفرنس پي پي آر پي پروگرام جي هڪ اهم سرگرمي آهي، جنهن جو مقصد منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن، ضلعي انتظاميہ، سرڪاري کاتن، چونڊيل نمائندن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين وچ ۾ رابطاڪاري کي مضبوط ڪرڻ آهي تہ جيئن مقامي سطح جي مسئلن جي حل ۽ ترقي جي عمل ۾ مدد ملي سگهي. ان موقعي تي ڪميونٽي اڳواڻن پروگرام جي ڪاميابين، اداري جي ڪارڪردگي ۽ پنهنجي پنهنجي علائقي جي اهم ترقياتي ڪمن ۽ درپيش مشڪلاتن ۽ ضرورتن بابت پڻ ٻڌايو.

محترمہ سيده نفيسہ شاھ پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”حڪومت سنڌ جو هي منصوبو هڪ اهم قدم آهي، جيڪو هيٺين سطح تي ماڻهن سان گڏجي ترقي جي عمل کي تيز ڪري ٿو، جنهن سان يقيني طور تي غربت گهٽائڻ ۾ ڪافي مدد ملندي. هن پروگرام جي مقصدن جي حاصلات ۽ عورتن کي بااختيار بڻائڻ جي عمل ۾ ڪميونٽي ادارن سان ڀرپور سهڪار جاري رکڻ جو وچن ورجايو.“

## ضلعي قمبر - شهدادڪوٽ ۾ عورتن خلاف ٿيندڙ تشدد جي خاتمي جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

گڏيل قومن (يو اين) جي جنرل اسيمبلي نومبر 25، کي عورتن خلاف تشدد جي خاتمي جو عالمي ڏينهن تسليم ڪيو آهي، ان ڏينهن تي سموري دنيا ۾ عورتن تي ٿيندڙ مختلف قسم جي تشدد جهڙوڪ: گهريلو تشدد، غيرت جي نالي تي قتل، ۽ جبري جنسي ڏاڍ خلاف جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي مقصد سان



ملهايو ويندو آهي. ”لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن نئين سوچ“ يونين ڪائونسل لشڪري چانڊيو، ڳوٺ لشڪري چانڊيو تعلقو قمبر ۽ نور لوڪل سپورٽ

## سرسو عمل ۾:

آرگنائيزيشن، يونين ڪائونسل حيدر چانديو ڳوٺ بخشو ساريو تعلقو شهدادڪوٽ ۾ نومبر 28 ۽ 29، 2019 تي هي ڏينهن ملهايو ويو. پروگرام ۾ 100 کان وڌيڪ ڪميونٽي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شرڪت ڪئي. محترم علي ميراڻي ان موقعي تي خاص مهمان هو. ان کان علاوه محترمه شمع پروين ڊپٽي ڊائريڪٽر وومن ڊولپمينٽ ۽ ٻين مقامي چونڊيل نمائندن پڻ شرڪت ڪئي. جڏهن ته شهدادڪوٽ ۾ محترمه ناهيد کهاوڙ خاص مهمان هئي.

### آءِ ايف اي ڊي ۽ پي پي اي ايف وفد جو اين پي جي پي پروگرام جو دورو

آءِ ايف اي ڊي ۽ پي پي اي ايف جي هڪ وفد محترم ربنواز ۽ محترمه سميه سان گڏ ريجنل مئنيجر سرسو جمال مصطفيٰ شورو ۽ مئنيجر اين پي جي پي مظفر



پنهور شڪارپور ۽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ضلعن جو ڊسمبر 4 ۽ 5، 2019 تي دورو ڪيو. دوري جو مقصد حڪومت پاڪستان جي مالي سان هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ هو. وفد شڪارپور جي اي ڊي سي 1، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر، زراعت، عورتن جي ترقي، ايڊيشنل ڊپٽي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسر آبادي، ۽ ٽي بي ڪنٽرول آفيسر سان ملاقاتون ڪيون. وفد حڪومتي ادارن ۽ مختلف ڪاتن جي نمائندن کي پروگرام جي پس منظر، مقصدن ۽ اثرن بابت آگاهي ڏني ۽ ان لاءِ سندن ڪردار ۽ شموليت تي بحث پڻ ڪيو.

بعد ۾ وفد ڪميونٽي ڪارڪنن جي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي، جيڪو ايل ايس او ڪائنات يوسي طيب ضلعي شڪارپور پاران منعقد ڪيو ويو هو. وفد کي ايل ايس او پاران تفصيلي بريفنگ ڏني ويئي ۽ منصوبي جي سرگرمين ۽ سامهون ايندڙ نتيجن ۽ مسئلن بابت آگاهي ڏني. ان موقعي تي فائدو حاصل ڪندڙن پنهنجون ڪامياب ڪهاڻيون پنهنجي زباني ٻڌايون. دوري دوران وفد ايل ايس او بخاري يوسي رسول بخش ضلعو ڪشمور جي انتظامي ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ پڻ شرڪت ڪئي ۽ سندن ڪارڪردگي ۽ رڪارڊ ڏٺو.

### حڪومت سنڌ جي پي پي آر پي پروگرام هيٺ ٺٽي ۾ انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس

سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام هيٺ جوڙيل ڪميونٽي ادارن پاران انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس ڊسمبر 12، 2019 تي ڳوٺ ايزا محمد جوکيو يو سي پنيور ضلعي ٺٽو ۾ ٿي گذري. ڪانفرنس جو خاص مهمان چيف ايگزيڪيٽو آفيسر - سرسو محترم




محمد ڏتل ڪلهوڙو هو، جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ،

## سرسو عمل ۾:

ڊي پي او اين آر ايس پي ۽ ٽيم ليڊر پي پي آر پي غلام رسول سميجو جن پڻ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام جي 32 نمائندن تي مشتمل هڪ وفد پڻ خاص طور تي شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ پي پي آر پي تحت منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن جي 264 نمائندن شرڪت ڪئي ۽ سرگرم ڪارڪنن پنهنجي ادارن ۽ پروگرام جي تجربن بابت ڳالهايو. ڪانفرنس ۾ سي اِي او سرسو ڳالهائيندي چيو ته ”منظم ادارن جي ذريعي اسان پنهنجي ڪميونٽي جي ترقي لاءِ موثر طورتي ڪم ڪري سگهون ٿا ۽ توهان سڀ منظم آهيو ۽ پرجوش به، تنهنڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اسان غربت گهٽائڻ واري جدوجهد ۾ ڪامياب ٿي ڏيکاريندا سون.“

## بزرگ شهرين جي حقن جي پرچار بابت ڪراچي ۾ پاليسي مڪالمو

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، نيشنل ڊس ايبلٽي ۽ ڊولپمينٽ فورم جي سهڪار سان سنڌ سينيئر سٽيزن ويلفيئر ايڪٽ 2014 بابت ڪراچي ۾ ڊسمبر 12، 2019 تي پاليسي ڊائيلاگ منعقد ڪيو. ڊائيلاگ جو مقصد سينيئر سٽيزن ايڪٽ تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ آواز اٿارڻ هو. ان موقعي تي ميمبر صوبائي اسيمبلي محترمه ماروئي راشد ڳالهائيندي چيو ته ”بزرگ فردن جي حقن کي هر سطح تي تحفظ ۽ اوليت ڏيڻ گهرجي“ وزيراعليٰ سنڌ جي معذوري جو شڪار فردن جي ترقي جي اسپيشل اسسٽنٽ محترم سيد قاسم نويد قمر چيو ته ”هر معاشري ۾ بزرگ فردن کي گهربل وقار ۽ حق مليل هوندا آهن ۽ اسلام به بزرگ ۽ معذوري جو شڪار فردن کي حق ڏيڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. ان ڪري هڪ مسلمان ۽ مهذب معاشري ۾ انهن کي عزت ۽ حق ضرور ڏيڻ گهرجن.“ ان موقعي تي سابق ايڊيشنل چيف سيڪريٽري اسحاق لاشاري، ايڊيشنل سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ابوبڪر مدني، ڊائريڪٽر ڊي اي پي






**سرسو عمل ۾:**

ڊي غلام نبي نظاماڻي ۽ ٻيون لاڳاپيل ڌريون پڻ موجود هيون. سابق ايڊيشنل چيف سيڪريٽري سنڌ اسحاق لاشاري چيو ته ”معذوري جو شڪار فردن کي سگهارو بڻائڻ ۽ سندن ڀلائيءَ لاءِ ادارو ڪم ڪري رهيو آهي، پر گڏوگڏ بزرگ شهرين ۽ معذوري جو شڪار فردن جي حقن لاءِ عملي طور ۽ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو“ ان موقعي تي ايڊيشنل سيڪريٽري سوشل ويلفيئر چيو ته ”اسين يقين ڏياريون ٿا ته مستقبل ۾ به سرسو سان گڏجي هن نيڪ مقصد لاءِ عملي طور تي گڏ هوندو.“

ان موقعي تي هڪ بحث مباحثي جو انتظام پڻ ڪيو ويو، جنهن ۾ تعليمي ماهرن، ميڊيا، سوشل ويلفيئر ۽ او پي اي جا نمائندا پڻ شامل هئا. جنهن ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو ته ”ڪوئي شڪ ناهي ته هتي ڪجهه قانون موجود آهن، جيڪي بزرگ شهرين ۽ معذوري جو شڪار فردن جي حقن جو تحفظ ڪن ٿا، پر ان تي پوري طرح سان عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي.“ آخر ۾ بزرگ شهرين جي ڀلائي واري ايڪٽ 2014 تي عمل ۾ آڻڻ لاءِ صحيحن جي مهم هلائي وئي جنهن تي موجود سڀني شرڪتڪارن صحيحون پڻ ڪيون.

## سکر ۾ بزرگ شهرين جي پاليسي تي سيمينار

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن بزرگ فردن جي پاليسي تي ڊسمبر 20، 2019 تي سکر ۾ هڪ سيمينار جو بندوبست ڪيو. سيمينار جو خاص مهمان محترم غلام مصطفيٰ شيخ ڊپٽي ڪمشنر سکر جن هئا. جڏهن ته چيف ايگزيڪٽو آفيسر - سرسو محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو ۽ وڏي انگ ۾ عورت اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ” ضلعي انتظاميه پاران اسپتالن ۾ بزرگ شهرين جي لاءِ الڳ ڪائونٽر ڪوليا ويا آهن ته جيئن اهي قطار ۾ بيهڻ ۽ انتظار ڪرڻ واري عذاب کان بچي سگهن. حڪومت بزرگ







## سرسو عمل ۾:

شهرين جي ڀلائيءَ واري ايڪٽ تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيئي تہ جيئن ان مطابق انهن کي فائدو ملي سگهي.“ هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ ”سنڌ حڪومت بزرگ شهرين جي مسئلن کي ترجيح ڏئي ٿي ۽ ان جي حل لاءِ قانون ۽ پاليسي کي بهتر ڪرڻ چاهي ٿي.“ ان موقعي تي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو محمد ڏتل ڪلهوڙو خطاب ڪندي چيو تہ ” بزرگ ۽ معذوري جو شڪار ماڻهن جي ڏکن ۽ اهنجن کي اسين سمجهون ٿا ۽ چاهيون ٿا تہ بزرگ ماڻهن جا مسئلا حل ٿين. اسان سڀني کي گهرجي تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي تہ هنن جي خدمت ڪيون چوتہ بزرگن کي گهڻي تڪليف هوندي آهي ۽ هو برداشت بہ ڪري نہ سگهندا آهن“. هن سيمنار ۾ شرڪت ڪارن تي زور ڀريندي چيو تہ اسان سڀني کي بزرگ شهرين جي حقن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن بزرگ فرد بہ معاشري ۾ هڪ عزت ڀري ڪارائتي زندگي گذاري سگهن.“ مقررن سنڌ اسيمبلي مان پاس ڪيل بزرگ شهرين جي ڀلائيءَ واري ايڪٽ تي عمل در آمد تي خدشا ظاهر ڪيا ۽ چيو تہ سنڌ حڪومت ان تي صحيح عمل کي يقيني بڻائي تہ جيئن بزرگ ۽ معذوريءَ جو شڪار ماڻهون معاشري ۾ هڪ عزت ڀري زندگي گذاري سگهن.

## يونيسيف - آئيڪا ۽ آر ايس پي اين پروجيڪٽ جي ڪارڪردگيءَ تي ڪراچي ۾ ورڪشاپ

يونيسيف - آئيڪا ۽ آر ايس پي اين جي آءِ اي ايل پي پروجيڪٽ جي تجربن ۽ ڪارڪردگيءَ تي ورڪشاپ ڊسمبر 18، 2019 تي ڪراچي ۾ ٿي گذريو. جنهن ۾ پروجيڪٽ سان لاڳاپيل تمام ڌرين شرڪت ڪئي. شرڪتڪارن ۾ سنڌ حڪومت جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري، سوشل ويلفيئر کاتي گهوٽڪي ۽ خيرپور ضلعن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر، آبادي جي ڀلائي واري کاتي گهوٽڪي جا ضلعي آفيسر شامل هئا، جڏهن تہ يونيسيف پاران سيمولا الين (چائلڊ پروٽيڪشن اسپيشلسٽ، اسلام آباد)، زاهده منظور (چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر، پنجاب) ۽ ڊاڪٽر جبين فاطمہ (چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر سنڌ)، آر ايس پي اين پاران بشير انجم، عبدالحميد بلو ۽ سرسو جي سي اِي او محمد ڏتل ڪلهوڙو جن شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ منصوبي ۾ شامل ڪميونٽين جي نمائندن ۽ ٻارن بہ شرڪت ڪئي ۽ منصوبي ۾ ادا ڪيل پنهنجي ڪردار، ڪارڪردگي، تجربي ۽ سکيا



## ڪامياب ڪھاڻيون

# ڪوشش ڪاميابي جي ڪُنجي آهي

(حڪومت سنڌ جي سھڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ بنا وياج قرض مان ڪاروبار شروع ڪندڙ عورت جي ڪاميابيءَ جي ڪھاڻي)

**انيتا لوهانه**
مانيٽرنگ اينڊ اويليوئيشن آفيسر، سرسو سانگھڙ



چوندا آهن ته دنيا ۾ ڪو به ڪم ناممڪن يا ڏکيو ناهي، اُن ڪي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۽ همت جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي قسم جي سوچ ۽ ڪوشش اسان هڪ ٻھراڙي جي عورت ۾ ڏٺي، جنھن جو نالو مسمات جِنا آهي.

مسمات جِنا جي گھر واري جو نالو محمد صالح آهي، جيڪي هڪ پنتي پيل ڳوٺ گُل محمد ٻبر ۾ رهائش پذير آهن. هي ڳوٺ يونين ڪائونسل ڪُرڪلي تعلقي سنجھوري ضلعي سانگھڙ ۾ واقع آهي.

مسمات جِنا کي ڏهه ٻار آهن ،جن ۾ ڇھه نياڻيون ۽ چار پُٽ اٿس. ڇھن نياڻين مان ٻه نياڻيون شادي شده ۽ پنھنجن گھرن ۾ رهن ٿيون ۽ چار نياڻيون ساڻس گڏ آهن. چار ڇوڪرن مان هڪ پُٽ شادي شده آهي، جيڪو والدين کان ڌار رهي ٿو، باقي ٽي پُٽ ساڻس گڏ آهن. مسمات جِنا اسان کي ٻڌايو ته ”منھنجو گھر وارو پيرسن آهي. ۽ هو ڪم ڪار ناهين ڪندو. منھنجو هڪ پُٽ ڪراچيءَ ۾ ڪپڙي جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪندو آهي، سندس پگھار 15000 روپيه آهي. مهيني جي آخر ۾ ڪجھ پئسا گھر ڏانھن موڪليندو آهي. وڏي ڪُٽنب هجڻ ڪري هن مهانگائي ۽ بيروزگاري جي دور ۾ 8000 هزارن مان گذرسفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪمائڻ وارو هڪ ۽ کائڻ وارو پورو ڪٽنب. آمدني کان ٻيڻو خرچ پورائو نه پيو ٿئي، وقت سان گڏ پريشانيون وڌنديون پئي رهيون. تڏهن مون سوچيو ته بئنڪ يا ڪنھن ڪاتي مان قرضو ڪڍي ڪو گھريلو سطح تي ڪاروبار ڪريان ۽ مهيني وار قسط جي صورت ۾ قرض واپس ڪريان. پر، بئنڪ جو وياج قرض جي اڌ برابر ٻڌي مون قرض ڪڍڻ تان هٿ ڪنيو. “

مسمات جِنا وڌيڪ چيو ته ”مون همت نه هاري ۽ مون کي يقين هوته جنھن الله اسان کي خلقيو آهي، اهو اسان جون پريشانيون به هڪ ڏينھن ۽ ڪنھن نه ڪنھن ذريعي سان دُور ڪندو. تڏهن هڪ ادارو سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ حڪومت جي سھڪار سان هڪ پروگرام ڪٺي اسان جي ڳوٺ ۾ آيو، جنھن اسان جھڙين غريب عورتن کي گڏ ڪيو ۽ ”عوام جي غربت گھٽائڻ واري پروگرام“ جو تعارف ڪرايو، جنھن ۾ مختلف اسڪيمن جي ڳالھه ٻولھه ڪئي وئي، غربت گھٽائڻ جي پروگرام جو ٻڌي هڪ اميد جاڳي ته اڳتي هلي هي غريب عورتن جي مالي سھائتا ڪندا ۽ غربت جي لڪير کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ موقعا فراهم ڪندا.“

مسمات جِنا پنھنجي سرسو سان ڪم جي ڪھاڻي تفصيل سان ٻڌائيندي چيو ته ” اسان جي ڳوٺ ۾ 2017 ۾ ڪيل سروي کان پوءِ تنظيمن ناهڻ جو

## ڪامياب ڪهاڻيون

سلسلو شروع ٿيو ته اسان به پاڻ ۾ منظم ٿي هڪ پاڙي واري تنظيم ”رياست“ جوڙي سين، جنهن ۾ مون کي تنظيم جي صدر طور چونڊيو. پاڙي واري تنظيم جوڙڻ کان پوءِ اسان جي ٽن ڏينهن جي تربيت ڪرائي وئي. ڪجهه عرصي بعد اسان پنهنجي هڪ ڳوناٽي تنظيم ”دعا“ به ناهي. ڳوناٽي تنظيم جوڙڻ کان پوءِ اداري پاران تربيتون به ڪرايون ويون. گڏوگڏ اسان جي تنظيم جون گڏجاڻيون به ٿينديون پئي رهيون، ٿوري گھڻي بچت به ٿيندي رهي، اسان جو ڳوٺ ۾ هڪ ٻئي سان ڏکئي سُکئي ۾ ساٿ به هلنديو رهيو، جيڪو پهريان اسان وٽ تصور به هو. ٿورو وقت گذريو ته سرسو بنا وياج واري قرض اسڪيم بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي، جيڪو غربت جي انگ ۽ ڪاروبار جي ضرورت ۽ اهميت کي نظر ۾ رکي ڏيڻ جو سوچيو. جيئن ته منهنجو غربت جو انگ 13 هُيو ۽ مون پنهنجو منصوبو پنهنجي ڳوناٽي تنظيم ۽ سرسو اداري جي عملي اڳيان رکيو. سوچ ويچار ۽ جاچ پڙتال کان پوءِ مون کي قرض جي مد ۾ 15000 هزار مليا ۽ مون انهن 15000 هزارن مان 10000 هزارن ۾ هڪ ٻڪري ورتي ۽ باقي 5000 هزارن مان گهر اندر هڪ ننڍڙي دڪان ۾ ٻارن جي کائڻ جون شيون ۽ صرف، صابڻ وغيره رکيون. “

مسمات جِنا خوش ٿيندي ٻڌايو ته ”مون ان 5000 هزارن جي شين مان هڪ سال اندر مون سني رقم ڪمائي آهي. ۽ اجان به دڪان کي هلائي رهي آهيان. ۽ هر پندرنهن ڏينهن حيدرآباد مان سامان گهرائيندي آهيان.“

هن ٻڪري واري سيڙپ بابت ٻڌايو ته ” مون جيڪا 10000 هزارن ۾ ٻڪري ورتي هُئي ڏهه مهينن ۾ هن ٻه ڦر ڏنا. مون ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ ڦر وڪرو ڪري قرض جي رقم واپس ڪئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ ٻڪريءَ ٻيا ٻه ڦر ڏنا آهن. هن وقت مون وٽ ٽوٽل ننڍا وڏا چار ننگ آهن ۽ جن جي هن وقت رقم 40000 تائين ٿيندي ۽ هلندڙ ڪاروبار مان آئون پنهنجي گهر جي خرچن جو به پورائو ڪري رهي آهيان ۽ پُرسڪون زندگي گذاري رهي آهيان. ڪاروبار کي وڌائڻ لاءِ مون وري ٻيهر ايس آر ايس او کان قرض جي مد ۾ 17000 هزار ورتا آهن ته جيئن گذريل سال جيان هن سال به ڪاروبار کي وڌائي، پنهنجي گهر جو سُٺي نموني گذرسفر ڪندس ۽ ڪجهه ڏوڪڙ بچائي مستقبل ۾ ڪم آٽيندس. سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي ساٿ سان گڏ جيڪڏهن اسان پنهنجي همت ۽ ڪوشش نه ڪريون ها ته اسان اڄ به مايوسيءَ واري زندگي گذاري رهيا هجون ها، تنهنڪري ڪوشش ڪرڻ ڪڏهن به نه ڇڏجي ڇاڪاڻ جو ڪوشش ڪاميابي جي ڪُنجي آهي، نيٺ هڪ نه هڪ ڏينهن ماڻهو ڪامياب ٿيندو.“

مسمات جِنا خوشيءَ جو اظهار ڪندي ٻڌايو ته ”مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته اسان جي سنڌ ۾ اهڙو به ادارو آهي، جيڪو سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن خاص طورتي عورتن جي مدد ڪري ٿو ۽ غربت کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجيون ڪاوشون سرانجام ڏئي ٿو. آئون سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي شڪرگذار آهيان جن اهڙي قسم جا فائدا ڏئي نه صرف اسان جي پر مون جهڙين ڪيترين ئي عورتن جي گهر جو ڏيئو ٻاري روشنيءَ جي لاٽ ٻاري آهي.“



# اميران جو تعليمي سفر

## لاڙڪاڻي بورڊ سطح تي ٽئين پوزيشن، ضلعي سطح تي ٻئي پوزيشن ۽ تعلقي سطح تي پهرين پوزيشن ماڻيندڙ ڀهراڙي جي نياڻي

(سرسو پاران سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن، حڪومت سنڌ جي سهڪار سان قائم ڪلسٽر اسڪول جي ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي)

**عنبرين مهر**
جنرل ٽيچر - ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول
ڳڙهي صاحب خان ضلعو شڪارپور

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جو بنيادي مقصد ’سنڌ جي پنتي پيل ٻهراڙي وارن علائقن ۾ معاشي ۽ سماجي سڌارا آڻي خوشحالي پيدا ڪرڻ آهي‘. اسين سمجهون ٿا ته جٽادار سماجي تبديلي، ترقي ۽ خوشحالي تعليم وسيلي ئي ممڪن آهي. ان خوشحالي واري خواب جي ساڀيان لاءِ حڪومت سنڌ جي مالي سهڪار سان سرسو پاران ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول ڳوٺ ڳڙهي صاحب خان يونين ڪائونسل سانگي تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور ۾ سال 2013 ۾ شروع ڪيو ويو. هينئر هن پروجيڪٽ لاءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف) جو مالي سهڪار حاصل آهي. گذريل ڇهن سالن کان ڳڙهي صاحب خان جي آس پاس واري ڳوٺن جا ڪيترائي ٻار سرسو جي هن معياري






تعليمي اداري مان تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سرسو جي سيني ڪلسٽر اسڪولن جي خاص خوبي اها به آهي ته پر وارن ڳوٺن جي شاگردن لاءِ ٽرانسپورٽ جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي. ۽ ڪلسٽر اسڪول ۾ مفت درسي ڪتاب، ورڪ شيٽس مهيا ڪيون وينديون آهن. هن پيري تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ وڌيڪ ڪلاسون هلائي ٽيوشن ڏيڻ جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي. ۽ هن ڪلسٽر اسڪول جي ٻئي اهم خوبي اها به رهي آهي ته هتي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي تعليم پرائي رهيا آهن.

جيئن ته ٻهراڙين جي علائقن ۾ ڇوڪرين جي تعليم حاصل ڪرڻ جو مسئلو ته هوندو آهي. پر، ڇوڪرن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ وڏو اوکو ڪم هوندو آهي، جو ته غربت سبب اڪثر ڇوڪرا مال چارڻ ۽ زراعت جي ڪم جي حوالي هوندا آهن. اهڙن علائقن ۾ نياڻن جو ٻاهر اچي تعليم حاصل ڪرڻ سو به ڇوڪرن سان گڏ ڪو سَهنجو ڪم ناهي. انهن مڙني معاملن جي باوجود سرسو جي ڪلسٽر اسڪولن ۾

# ڪامياب ڪھاڻيون

ننڍن ننڍن ڳوٺن مان تعليمي ڏيئو روشن ڪرڻ لاءِ نياڻيون بہ سرگرم آهن. انهن کي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي آڻڻ لاءِ سرسو پاران هر ممڪن رهنمائي، مدد ۽ همٿايو ويندو آهي. ان جو هڪ مثال اميران چانڊيو جو بہ آهي جيڪا ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان جي مئٽرڪ ڪلاس جي هڪ هوشيار ۽ باصلاحيت پوزيشن ماٽيندڙ شاگرياڻي آهي.

اميران جو تعلق ڳوٺ عالم خان چانڊيو يونين ڪائونسل ڏڪڻ جي پنتي پيل ڳوٺ سان آهي. ڳوٺ ۾ موجود اسڪول ٻن سالن کان بند هجڻ ڪري هوءَ تعليم حاصل ڪرڻ واري خواب کان محروم هئي. ڪيس علم پرائڻ جو اونو هوندو هو، پر اهو آساني سان ممڪن نہ هو. اهڙي صورت حال ۾ اميران لاءِ سرسو پاران شروع ڪيل پروجيڪٽ Community Managed Primary Schools 102 تمام وڏي خوشيءَ جي خبر هئي. اميران پرائمري تعليم گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول لونگاٽي شريف مان حاصل ڪئي. جتي هن جو شمار پوزيشن ماٽيندڙ شاگرياڻين ۾ هو. تنهن بعد هوءَ باقي تعليم ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان مان حاصل ڪري رهي آهي. هينئر مئٽرڪ جي شاگرياڻي آهي. اميران جو تعليم حاصل ڪرڻ وارو سفر تمام گهڻي تڪليف هئڻ باوجود هڪ جذبي ۽ ولولي سان جاري آهي. هن پاڻ کي نہ فقط پنهنجي ڪلاس ۾ پر اسڪول ۾ هوشيار شاگرياڻي طور پاڻ مڃرايو آهي. اميران جو هر امتحان ۾ پوزيشن ماڻڻ ان ڳالھ جو واضع ثبوت آهي. تازوئي لاڙڪاڻي بورڊ پاران پڙرو ڪيل نائين درجي جي امتحان جي نتيجي موجب اميران 367 مارڪون کنيون آهن. جيڪا بورڊ سطح تي ٽئين پوزيشن، ضلعي سطح تي ٻي پوزيشن ۽ تعلقي سطح تي پهرين پوزيشن آهي. جيڪو سرسو ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعليم جي واري منصوبن جي ڪاميابي جو هڪ اعليٰ مثال آهي. اميران نہ فقط تعليم جي ميدان ۾ پاڻ مڃرايو آهي پر گهر ۾ بہ امڙ، ڀينرن ۽ ڀائرن لاءِ مددگار ثابت ٿي



آهي. پڙهائيءَ سان گڏوگڏ هوءَ گهرو ڪم ۾ ماءُ جو هٿ ونڊرائيندي رهي ٿي ۽ گهر جا سمورا ڪم احسن نموني سان ڪري ٿي. اميران روزانو رات جو اسڪول جو ڪم مڪمل ڪري، پنهنجي ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جي اسڪول جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ کي بہ ضروري سمجهي ٿي. اميران پڙهائيءَ سان گڏوگڏ غير نصابي سرگرمين ۾ بہ ڀرپور حصو وٺندي رهي آهي. اميران پنهنجي مستقبل جي منصوبہ سازي بابت ٻڌايو تہ ”منهنجو خواب آهي تہ آئون اعليٰ تعليم حاصل ڪري پنهنجي خاندان، ڳوٺ، علائقي ۽ ملڪ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ چاهيان ٿي. آخر ۾ هن پنهنجي پياءُ، ڪلسٽر اسڪول ڳڙهي صاحب خان جي استادن ۽ سرسو جا ٿورا مڃيا تہ هنن جي بدولت منهنجو تعليم وارو خواب ساڀيان طرف گامزن آهي.

سرسو جا شعبا:

# سرسو
# انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اينڊ اسڪل ڊولپمينٽ (آءِ ايم ايس ڊي)
# روشن مستقبل لاءِ انساني سرمايي جي ترقي

نياز احمد هنگورو
سينئر مئنيجر آءِ ايم ايس ڊي، هيڊ آفيس سکر




## تعارف:

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو قيام 2003 ۾ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هڪ غير سرڪاري تنظيم طور عمل ۾ آندو ويو. جنهن کي حڪومت سنڌ جي مخصوص ضلعن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مالي مدد پڻ ڪئي. ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ، مهارتن ۾ اضافي، صلاحيتون اجاگر ڪرڻ ۽ ڪميونٽي جي مدد سان تعميراتي ڍانچي جي ترقي، آمدني وڌائڻ، ڪاروبارن جي ترقي ۽ ننڍين قرضن ۾ مدد مهيا ڪرڻ

## سرسو جا شعبا:





ذريعي غربت گھٽائڻ وارو مقصد حاصل ڪرڻ واري حڪومتي پاليسي جي توثيق ڪئي. هن مقصد لاءِ سرسو مقامي ماڻهن کي منظم ڪري ٿي ۽ انهن جي تنظيمي، انتظامي ۽ فني صلاحيت وڌائي ٿي، عوام ۽ حڪومت جي مدد سان شراڪتدار ۽ رهنمائي لاءِ ماڻهن ۾ مالڪيءَ جو احساس پيدا ڪري ٿي. سرسو هن وقت سنڌ جي 15 ضلعن ۾ هينين سطح تي ڪميونٽي آرگنائيزيشنس جو هڪ وسيع نيٽ ورڪ جوڙي انهن جي ترقي لاءِ ڪم ڪري ٿي.

سرسو غربت جي خاتمي، پائدار ترقي ۽ ماڻهن کي با اختيار بڻائڻ لاءِ ڪاروبارن جي ترقي توڙي ڪميونٽي ادارن جي قيام ۽ صلاحيت سازي لاءِ انساني وسيلن جي ترقي کي لازمي سمجهي ٿي. ان ڪري پنهنجي قيام کان ان مقصد لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان ڪردار کي بهتر طريقي سان سرانجام ڏيڻ ۽ مضبوط ادارتي بنيادن تي ڪم ڪرڻ لاءِ سال 2013 ۾ انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اينڊ اسڪل ڊولپمينٽ (آءِ ايم ايس ڊي) جو قيام عمل ۾ آندو ۽ جنهن کي سنڌ حڪومت جي ٽريڊ ٽيسٽنگ بورڊ (ٽي ٽي بي) ۽ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سان رجسٽر پڻ ڪرايو ويو آهي.

انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اينڊ اسڪل ڊولپمينٽ (آءِ ايم ايس ڊي) سرسو جو تربيتي شعبي جو هڪ حصو آهي، جيڪو بنيادي طور تي سنڌ جي انساني ترقي جو هڪ ادارو آهي، جنهن جو مقصد نہ صرف سرسو ۽ ان جي ڪميونٽي ادارن جي تربيت جون ضرورتون پوريون ڪرڻ آهي، گڏوگڏ تيزي سان وڌندڙ ترقياتي ۽ ڪاروباري شعبن، قومي ۽ گهڻ قومي امداد ڏيندڙ ادارن، غير سرڪاري تنظيمن ۽ بين الاقوامي تنظيمن جي لاءِ تربيت جا موقعا پيدا ڪرڻ بہ آهي.

ان کان اڳ هيومن ريسورس ڊولپمينٽ (ايڇ آر ڊي) هيٺ هزارن جي تعداد ۾ سرسو اسٽاف، ڪميونٽي ادارن ۽ ڪميونٽي جي نوجوانن جي صلاحيت سازي ۽ مهارتن ۾ واڌاري جون تربيتون ڪرائي چڪو آهي. سرسو پاران ڪرايل هڪ اثرن جي جائزي واري مطالعي مطابق 10000 کان وڌيڪ غريب ڪميونٽي ميمبرن جي هنري تربيت ڪرائي ويئي، جن مان 80 سيڪڙو کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪندڙ مختلف ادارن ۾ پنهنجي روزگار سان لڳي خاندان جي جياپي جو ذريعو بڻيل آهن.

آءِ ايم ايس ڊي جي قيام جو اهم مقصد هڪ مڪمل، آزاد تربيت ۽ سکيا جي اداري جو قيام عمل ۾ آڻڻ

## سرسو جا شعبا

۽ سنڌ ۾ انساني ترقي جي هڪ مرڪز طور ڪم ڪرڻ آهي، جيڪو ڪميونٽي ادارن، سرسو ۽ خاص طور تي نوجوانن جي مهارتن جي بهتري ۽ علم جي واڌاري لاءِ تربيت ۽ سکيا جا موقعا مهيا ڪري ته جئين اهي مقابلي واري مارڪيٽ جي گهرجن کي بهتر طورتي منهن ڏئي سگهن.

### آءِ ايم ايس ڊي مئنيجمينٽ ۽ فئڪلٽي

انسٽيٽيوٽ جو انتظام ۽ تربيتون تجربيڪار ۽ ماهرن جي ٽيم پاران ڪيون وڃن ٿيون. جن جو ترقي ۽ صلاحيت سازي جي شعبن ۾ وسيع تجربو ۽ مهارت آهي. چو ته سرسو شروع کان انساني وسيلن جي ترقي جي ميدان ۾ ڪم ڪري رهي آهي ۽ تمام وڏي پئماني تي مختلف شعبن م تربيتن جو انتظام ڪيو آهي ۽ انهن کي هيٺين سطح تي عمل ۾ پڻ آندو آهي. ان کان علاوه ادارو ٻاهر کان مختلف شعبن جي ماهر فردن جون خدمتون پڻ حاصل ڪري ٿو، جن جو ترقي، حڪومت توڙي ڪارپوريٽ شعبي سا واسطو هوندو آهي.

### اداري ۾ موجود تربيتي سهولتون

آءِ ايم ايس ڊي شهر جي شور کان پري پرسڪون ۽ شاندار سرسو ڪامپليڪس سکر م قائم ڪيو ويو آهي. انسٽيٽيوٽ ۾ هڪ معياري ۽ موثر تربيت جو انتظام ڪرڻ لاءِ تمام بنيادي ڍانچو ۽ سهولتون موجود آهن، جيڪي ماهرن توڙي شرڪتڪارن کي سکڻ ۽ سيکارڻ جو پرپورماحول ۽ موقعو مهيا ڪن ٿيون.

**تربيتي هال:** آءِ ايم ايس ڊي جا ٻه تربيتي ڪمرا آهن، جن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 شرڪتڪار آساني سان ويئي سگهن ٿا.

**ميٽنگ روم:** آءِ ايم ايس ڊي ۾ گڏجاڻي لاءِ ڪمرا پڻ موجود آهن.

**ڪانفرنس هال:** آءِ ايم ايس ڊي جو هڪ ڪشادو ڪانفرنس هال بہ آهي، جنهن ۾ ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪيا وڃن ٿا ۽ ان لاءِ تمام سهولتون ۽ اوزار پڻ موجود آهن.

| تنظيمي تربيت جا شعبا | اهم ترقياتي شعبا | هنري سکيا جا شعبا |
| --- | --- | --- |
| ڪميونٽي انتظامڪاري ۽ مهارتن جي تربيت (سي او) | صنف ۽ ڊولپمينٽ | ووڪيشنل اينڊ ٽيڪنيڪل ٽريننگ پروگرام |
| ڳوٺاڻي انتظامڪاري ۽ مهارتن جي تربيت (وي او) | قدرتي وسيلن جي انتظامڪاري | سمال اسڪيل انٽرپرائيز ڊولپمينٽ |
| ليڊرشپ اينڊ مئنيجمينٽ اسڪل ٽريننگ (ايل ايس او) | اين جي او مئنيجمينٽ | مائڪرو فنانس ٽريننگ ڪورس |
| مالياتي انتظام ڪاري جي تربيت | مئنيجمينٽ ڊولپمينٽ پروگرام | ڪرافٽس اينڊ مارڪيٽنگ ٽريننگ |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ جي ٽريننگ | مالياتي انتظام ڪاري جي تربيت | ڪمپيوٽر ۽ آءِ ٽي ٽريننگ ڪورس |
| تربيت ڪارن جي تربيت | تربيتڪارن جي تربيت (سي آر پيز) | |

## سرسو جا شعبا

**ڪمپيوٽر ليب:** آءِ ايم ايس ڊي هيٺ ڪمپيوٽرليب پڻ قائم ڪيل آهي، جنهن ۾ تمام جديد سهولتون پڻ موجود آهن. ليب ۾ هڪ ئي وقت 25 سکيا وٺندڙ آساني سان تربيت حاصل ڪري سگهن ٿا.

**رهائشي هاسٽل:** آءِ ايم ايس ڊي سان گڏوگڏ مهمانن ۽ شرڪتڪارن جي رهائش لاءِ 7 سنگل ۽ 9 ڊبل اعليٰ معيار جا ڪمرا پڻ موجود آهن. جن سان گڏيل واش روم، اسٽينڊ باءِ جنريٽر، راندين ۽ تفريحي ميدان،

| نمبر | عنوان | تفصيل |
|---|---|---|
| 1 | هنري سکيا تي ڪميونٽي ميمبرن کي مهيا ڪيل اسڪالرشپس | 69،371 |
| 2 | مئنيجمينٽ اسڪلز ٽريننگ تي تربيت يافته ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 344،233 |
| 3 | مختلف موضوعن تي تربيت يافته سرسو اسٽاف جو تعداد | 6،593 |

پارڪ ۽ ڪشادي پارڪنگ جون سهولتون پڻ موجود آهن.

**ڪيفي ٽيريا:** آءِ ايم ايس ڊي سان گڏ صاف سٿرو ۽ تمام سهولتن سان گڏ ڪيفيٽريا پڻ موجود آهي.

ان کان علاوه تربيت جي حوالي سان ملٽي ميڊيا ۽ اسڪرين، پروفيشنل فوٽو گرافر، اهم هنري سکيا جا اوزار، تربيتي مواد ۽ مينيوئل جي دستيابي ۽ سيڪيورٽي جو مڪمل نظام پڻ موجود آهي.

### اهم تربيتي پروگرام ۽ شعبا

آءِ ايم ايس ڊي ڪميونٽي ادارن، سرسو اسٽاف ۽ هنري سکيا جي شعبن ۾ مختلف قسم جون تربيتن جو انتظام ڪري ٿو. ان کان علاوه انسٽيٽيوٽ وقت به وقت ترقياتي موضوعن تي مختلف شعبن جي ماهرن سان ڳالهه ٻولهه ۽ ليڪچرن جو پڻ بندوبست ڪري ٿو، ته جيئن سرسو ۽ ان جي اسٽاف جي ترقياتي ماهرن سان رابطاڪاري بهتر رهي ۽ سامهون ايندڙ اهم مسئلن تي بحث مباحثي ذريعي رهنمائي ملي سگهي ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت به بهتر ڪري سگهجي.

### اهم ڪاميابيون

- سنڌ ۾ انساني وسيلن جي ترقي لاءِ تنظيمي صلاحيت سازي، اهم ترقياتي موضوعن ۽ هنري سکيا جي شعبن ۾ اعلي! انتظامي ۽ تربيتي اداري طور قيام ۽ ڪردار ادا ڪرڻ.
- سرسو جي پروگرام ۽ پروجيڪٽ ٽيم جي تربيتي ضرورتن جي نشاندهي ۽ ان جي پورائي لاءِ سکيا جو انتظام ڪري ٿي. جنهن هيٺ







**سرسو جا شعبا:**

مختلف موضوعن تي ڪل 6،593 ميمبرن کي تربيتون ڪرائي چڪو آهي.

- سرسو جي ڪميونٽي ادارن سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) جي صلاحيت سازي واروي ذميواري پڻ نڀائي رهيو آهي. جنهن هيٺ ڪل 344،233 نمائندن کي تربيتون ڪرائي چڪو آهي.
- ڪميونٽي جي بيروزگارن جي هنري سکيا ذريعي روزگار ۽ آمدني وڌائڻ لاءِ موقعا پيدا ڪيا آهن. ان لاءِ مختلف هنري شعبن ۾ ڪل 69،371 فردن کي سکيا مهيا ڪري چڪو آهي.

### هنري سکيا جو پروگرام (وي ٽي پي)

سرسو بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام (بي بي ايس واءِ ڊي پي) ۽ نيشنل ووڪيشنل اينڊ ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪميشن جي سهڪار سان پوري سنڌ ۾ هنري سکيا جا تربيتي پروگرام ڪاميابيءَ سان هلائي چڪي آهي. هن وقت هينين سطح تي سنڌ جي 8 ضلعن ۾ سنڌ جي پراڻن روايتي توڙي نون هنرن جي واڌاري لاءِ ووڪيشنل ٽريننگ پروگرام (وي ٽي پي) هلائي رهي آهي، جنهن ۾ 43 مختلف هنري ۽ ڪاروباري شعبن ۾ تربيتون شامل آهن. هي هنري سکيا جون تربيتون سنڌ حڪومت جي سهڪار سان 6 ضلعن ۾ هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) ۽ يورپين يونين جي مالي مدد سان 2 ضلعن ۾ هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ ڪيون پيون وڃن. ڊسمبر 2019 تائين پي پي آر پي هيٺ هنري سکيا واري تربيتن مان فائدو وٺندڙ 12،603 آهي، جڏهن ته سڪسيس پروگرام ۾ سکيا وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد 4184 آهي.









## ڪميونٽي ادارن جو تعارف

# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ـ ڪائنات

### يونين ڪائونسل طيب، تعلقو لکي، ضلعو شڪارپور

ڊاڪٽر شاهد احمد لاکو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو - ضلعو شڪارپور




## هڪ تعارف

ڪميونٽي ادارن جو قيام، انهن جي صلاحيت سازي ۽ عملي طور ترقياتي منصوبن ۾ شموليت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جو اهم ڪم ۽ ڪردار آهي تہ جيئن غربت جي خاتمي جو خواب مقامي ماڻهن جيڀرپور شرڪت سان پائدار بنيادن تي حاصل ڪري سگهجي. سرسو پنهنجو هر منصوبو مقامي ماڻهن جي سماجي تحرڪ جي عمل سان شروع ڪري ٿي. جنهن ۾ ماڻهون مقامي سطح تي گڏجي پنهنجن مسئلن جو جائزو وٺن ٿا ۽ اوليتون طئي ڪري ان جي حل لاءِ عملي ڪوششون بہ شروع ڪن ٿا. پهريون پاڙي سطح تي ڪميونٽي آرگنائيزيشن (سي او) جوڙي منظم ٿين ٿا، پوءِ مختلف سي اوز گڏجي ڳوٺ سطح تي وليج آرگنائيزيشن قائم ڪن ٿيون ۽ ڳوٺ سطح جي ترقي جو عمل شروع ڪن ٿيون ۽ يونين ڪائونسل ۾ قائم مختلف ڳوناڻيون تنظيمون گڏجي هڪ نيٽ ورڪ طور لوڪل سپورٽ آرگنائزيشن (ايل ايس او) جوڙين ٿيون ۽ ايل ايس جو اهم مقصد ۽ ڪم ميمبر وي اوز جي مدد ڪرڻ ۽ يونين ڪائونسل جي اهم مسئلن جي حل لاءِ گڏجي جدوجهد ڪرڻ آهي.

## ڪميونٽي ادارن جو تعارف

### ايل ايس او ڪائنات جو قيام

لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن - ڪائنات جو بنياد آڪٽوبر 5، 2011 تي يونين ڪائونسل طيب جي 21 وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) گڏيل طور تي رکيو. هي 21 ڳوٺاڻيون تنظيمون 125 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس تي مشتمل آهن. جن ۾ يو سي جا 2،553 منظم گهراڻا شامل آهن. ايل ايس او کي سنڌ حڪومت جي سماجي ڀلائي واري کاتي وٽ رجسٽرڊ پڻ ڪرايو ويو آهي. هن وقت ايل ايس او جي آفيس يونين ڪائونسل طيب جي ڳوٺ بيجلو ۾ قائم ڪئي وئي آهي.

### ايل ايس او جا مقصد

- ترقياتي منصوبن ۾ ماڻهن جي شموليت .
- سڀني لاءِ معياري تعليم
- هر گهراڻي جي صحت جي سهولتن تائين آسان پهچ
- جديد ٽيڪنالاجي ۽ طريقڪار بابت شعور ۾ اضافو
- سرڪاري کاتن ۽ غير سرڪاري تنظيمن سان شراڪتداري وڌائڻ
- سماجي قدرن جو احترام

### ايل ايس او جا عهديدار ۽ ڪاميٽيون

ايل ايس او - ڪائنات جا هن وقت تي اهم تنظيمي عهديدار چيئرپرسن، وائيس چيئرپرسن ۽ خزانچي




آهن، جڏهن ته يو سي جي ٽن اهم مسئلن تي بهتر نموني ڪم ڪرڻ لاءِ تعليم، صحت ۽ صفائي سترائي جون الڳ ڪاميٽيون پڻ جوڙيون ويون آهن. ڪاميٽين جوڙڻ سان هڪ ته انهن مسئلن تي بهتر طريقي سان ڪم ڪرڻ ۽ ٻيون نيٽ ورڪ ۾ شامل ڳوٺاڻين تنظيمن جي ميمبرن ۽ عهديدارن جي نمائندگي ۽ شرڪت کي به يقيني بڻايو ويو آهي.

### ايل ايس او جي پنهنجي مدد پاڻ تحت کنيل اهم قدم

ايل ايس او ڪائنات پنهنجي ميمبر ڳوٺاڻين تنظيمن ۽ ڳوٺن جي ترقي لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت مختلف ادارن سان رابطا ڪري ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. جنهن ۾:

- ڳوٺ بيجلو ۾ ايل ايس او آفيس جي تعمير ڪئي وئي آهي، جنهن تي هڪ اندازي مطابق 657،000 روپيا خرچ ڪيو ويو آهي.
- ايل ايس او پاران وڏڪاري مهم هيٺ نيٽ ورڪ جي ميمبرن ڳوٺاڻين تنظيمن 12 ڳوٺن ۾ 28،00 وڻ لڳرايا آهن، جن جي مالڪي وي اوز ڪميونٽي جي شرڪت سان ڪري رهيون آهن.
- ايل ايس او پاران ٻين هم خيال تنظيمن سان رابطاڪاري جي نتيجي ۾ تخليق فائونڊيشن جي مدد سان 227 عورتن کي قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏنا ويا آهن.
- هڪ ٻئي غير سرڪاري تنظيم ڀهل پاڪستان جي سهڪار سان اليڪشن ۽ ووٽ جي اهميت تي 5 جاڳرتا سيشن منعقد ڪرايا ويا آهن.

## ڪميونٽي ادارن جو تعارف

- ايل ايس او پنهنجي ڳوٺاڻي تنظيمن جي باصلاحِيت ۽ تعليم يافتہ نمائندن کي روزگار حاصل ڪرڻ ۾ پڻ مدد مهيا ڪري ٿي. جنهن۾ 5 عورت ميمبرن کي ليڊي هيلٿ ورڪرز، 48 صفائي سترائي جا مقامي ماهر، ۽ 12 صحت ڪارڪن پنز - 3 پروگرام ۾ روزگار سان لڳل آهن.
- ايل ايس او سيو دي چلڊرين سان ماءُ ۽ ٻار جي صحت جو هفتو ملهائڻ، ڳوٺن ۾ 1،278 غريب ترين گهراڻن کي خوراڪ جا ووچر مهيا ڪرڻ، 8 ڳوٺن ۾ نيڪال جي نظام جون اسڪيمون مڪمل ڪرائڻ ۽ 1،334 خاندانن کي ڪچن گارڊننگ جون ڪٽس مهيا ڪري چڪي آهي.
- ايل ايس او پنز - 3 پروگرام هيٺ هٿ ڌوئڻ ۽ صفائي سترائي جو عالمي ڏينهن ملهائي چڪي آهي.
- ايل ايس او 80 غريب ترين عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ شامل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي.
- ايل ايس او بينظير ڀٽو شهيد يوٿ ڊولپمينٽ پروگرام سان هڪ وي ايف ٽي سي جو هنري سکيا جو مرڪز هلايو ۽ 38 نياڻين کي سکيا ڏني.
- اينگرو فائونڊيشن جي سهڪار سان 24 عورتن کي چوپايي مال جي انتظامڪاري جي تربيت ڪرائي چڪي آهي.
- ايل ايس او الشفا جي مدد سان 2 اکين جي مفت ڪئمپون لڳائي چڪي آهي، جنهن ۾ 502 ماڻهن فائدو حاصل ڪيو.

### ڪميونٽي ميمبرن جي صلاحيت سازي

نيٽ ورڪ ميمبر ڳوٺاڻي تنظيمن جي تربيتن، معلومات جي فراهمي، سکيا جا دورا ۽ رابطاڪاري جي ذريعي صلاحيت سازي هڪ ايل ايس او جو اهم ڪردار آهي. ايل ايس او ڪائنات پنهنجي ان ڪردار کان بخوبي آگاهہ پڻ آهي ۽ ان لاءِ هميشہ ڪوشُشون

| نمبر | تربيت جو نالو | فائدو حاصل ڪندڙ |
|---|---|---|
| 1 | ڪميونٽي آرگنائيزيشنس سي ايم ايس ٽي | 250 |
| 2 | وليج آرگنائيزيشنس جي سي ايم ايس ٽي | 42 |
| 3 | ايل ايس او ميمبرن جي سي ايم ايس ٽي | 3 |
| 4 | ايل ايس او جي ريڪارڊ رکڻ جي تربيت | 1 |
| 5 | ايل ايس او جو تجربن جي تبادلي جا دورا | 6 |
| 6 | صنف تي تربيت | 372 |

ورتيون آهن. هيٺ ايل ايس او پاران پنهنجي ميمبر تنظيمن جي ڪارڪنن جي صلاحيت سازي جي حوالي سان ڪيل ڪم جو نچوڙ پيش ڪجي ٿو.

### غربت جي خاتمي لاءِ آمدني وڌائڻ جا اپاءَ

ايل ايس او ڳوٺاڻي آبادي ۾ غربت گهٽائڻ ۽ ماڻهن جي آمدني ۾ اضافي لاءِ قرض جي پروگرام تي پڻ ڪم ڪري ٿي.ان لاءِ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف) تحت 21 ڳوٺاڻين تنظيمن ذريعي 928 خاندانن کي 9،917،000 روپيا ڏنا ويا آهن. اهڙيءَ طرح انڪم جنريٽنگ گرانٽ (آءِ جي جي) جي مَدَ ۾ 14 وي اوز جي مدد سان 87 فائدو حاصل ڪندڙن ۾ 1،019،000 ڏنا ويا آهن.

### ووڪيشنل ٽريننگ پروگرام (وي ٽي پي)

روزگار ۽ آمدني وڌائڻ ذريعي غربت جي خاتمي لاءِ هنري سکيا هڪ اهم اوزار ۽ حڪمت عملي آهي. جنهن تي ايل ايس او ڪم ڪري رهي آهي. هن مهل

## ڪميونٽي ادارن جو تعارف

تائين ڪل 574 فردن (478 عورتون ۽ 96 مردن) کي مختلف هنرن تي تربيتون ڪرائي چڪي آهي، جيڪي پوءِ پنهنجي مدد پاڻ يا ايل ايس او جي قرضن واري پروگرام مان فائدو وٺي روزگار شروع ڪن ٿا ۽ غربت جي چنبي مان نڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻين ٿا.

### چوپايي مال جي وسيلن جو منصوبو

ايل ايس او لائيو اسٽاڪ اسيسٽ ڪريئيشن پروجيڪٽ جي نالي سان منصوبو پڻ هلايو آهي، جنهن هيٺ 145 غريب ترين عورتن ۾ 290 چوپايو مال ورهايو ويو ۽ انهن 145 عورتن جي چوپايي مال جي انتظامڪاري تي تربيت پڻ ڪرائي وئي.

### سرسو پاران هلندڙ منصوبا ۽ ايل ايس او ڪائنات

**ڊيليورنگ اسيليراٽيڊ فيملي پلاننگ ان پاڪستان:** هن منصوبي هيٺ تعلقي لڪي جي يوسي طيب جي 21،202 آبادي ۾ 13 ڪميونٽي ريسورس پرسنز (سي آر پيز ) جي مدد سان ڪم ڪري آهي.




**پنز - اِي آر 3** : هن منصوبي هيٺ ايل ايس او 120 ننڍا هاري، 1 پروگريسو هاري، 35 ٻڪرين مان فائدو وٺندڙ، 60 ڪڪڙين مان فائدو وٺندڙ، 12 ڪيج ، 1 مڇي فارم، 1 بائيو هاري ۽ 696 ڪچن گارڊننگ مان فائدو وٺندڙ شامل آهن.

**بزرگ شهرين جي حقن جو واڌارو:** هي منصوبو معاشري ۾ وڏي عمر ۽ معذور جو شڪار فردن جي حقن جي واڌاري لاءِ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن هيٺ يو سي طيب ۾ 5 اولڊ پرسن ايسوسيئيشنس جوڙيون ويون آهن. جنهن ۾ 98 مرد ۽ 109 عورت ميمبر شامل آهن،

**نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام:** هن پروگرام هيٺ يو سي طيب ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام 1822 گهراڻن جن جو پاورٽي اسڪور ڪارڊ 18 کان گهٽ آهي ان جو جو تعداد 1332 آهي کي پئداواري سرمايو ڏئي غربت جي چنبي مان جان آجي ڪرائڻ آهي. جنهن ۾ هن مهل تائين 77 گهراڻن کي چوپايو مال، 3 گهراڻن کي ڪرياني جو سامان، 2 گهراڻن کي چنگچي رڪشا، ۽ 1 کي ڪپڙي جي دڪان ۾ مدد مهيا ڪئي ويئي آهي.

### ايل ايس او جي مستقبل جي منصوبا سازي

ايل ايس او پنهنجي ڪم کي بهتر ڪرڻ ۽ خاص طور تي رڪن وي اوز جي صلاحيت سازي ۽ ماڻهن جي قانوني حقن تي ڪم کي مستقبل ۾ بہ جاري رکڻ چاهي ٿي. ان لاءِ لاڳاپيل تمام ڌرين سان رابطاڪاري کي اهميت ڏئي ٿي.

- ايل ايس او آفيس جي تعمير جو رهيل ڪم پورو ڪرائڻ.
- بزنس ڊولپمينٽ گروپس جو قيام عمل ۾ آڻڻ.
- بين تمام لاڳاپيل ڌرين خاص طور تي سرڪاري ادارن سان رابطہ ڪاري کي مضبوط بڻائڻ.
- يو سي ۾ ماڻهن جي قانوني حقن خاص طور تي نڪاح نامن، ٻارن جي جم داخلا ۽ اسڪولن ۾ داخلا لاءِ ڪم ڪرڻ.
- ميمبر وي اوز جي مدد سان هر ڳوٺ ۾ وٽڪاري مهم کي جاري رکڻ.
- ميمبر وي اوز جي صلاحيت سازي لاءِ تربيتون ڪرائڻ ۽ ريڪارڊ کي 100% سيڪڙو بهتر ڪرڻ.

### ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن (ايل ايس او) - ساٿ

## يونين ڪائونسل طيب، ضلعو لاڙڪاڻو (سنڌ)

| ضلعو | يونين ڪائونسل | قائم ٿيڻ جي تاريخ | يوسي ۾ ڪل گهراڻا | منظم ڪيل گهراڻا |
|---|---|---|---|---|
| لاڙڪاڻو | طيب | جولاءِ 27، 2017 | 1،755 | 1،356 |
| ڪل پُهچ | سي اوز جو تعداد | وي اوز جو تعداد | جنرل باڊي ميمبرن جو تعداد | انتظامي باڊي ميمبرن جو تعداد |
| 77 سيڪٽرو | 62 | 10 | 20 | 7 |

2017ع ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي 1355 منظم گهراڻن، 62 پاڙي جي تنظيمن ۽ 10 ڳوٺاڻين تنظيمن پاران يونين ڪائونسل طيب ۾ مقامي سهڪاري تنظيم ساٿ جوڙي وئي.مقامي سهڪاري تنظيم ساٿ ترقياتي سرگرمين جي منصوبہ سازي ڪئي آهي ۽ ان تي مڪمل عمل درآمد لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت ۽ سرڪاري ادارن جي مدد سان ڪافي سرگرميون پڻ ڪري رهي آهي.سڪسيس پروگرام جيڪو يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلي رهيو آهي، ۾ ڳوٺاڻين عورتن ڪي بااختيار بڻائي تہ جيئن هو گڏيل سرگرميون ڪن.هاڻ منظم عورتون پنهنجي حقن جي حوالي سان آگاهي حاصل ڪن پيون ۽ سندن خدمتون مهيا ڪندڙ ادارن ڪي جوابده پڻ بڻائي رهيون آهن ۽ پنهنجي مدد پاڻ هيٺ سرگرمين ذريعي پنهنجون زندگيون بهتر بڻائي رهيون آهن.

### عورتن جي حقن ۽ ٻارن جي تعليم بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ

يونين ڪائونسل طيب جون عورتون 2017ع ۾ يورپين يونين جي سهڪار واري سڪسيس پروگرام تحت هڪ سرگرم شهري جي حيثيت سان پنهنجي ادارن ذريعي منظم ٿي پنهنجي ترقي لاءِ سندن صلاحيتون وڌائن پيون.پاڙي جي تنظيمن، ڳوٺاڻي تنظيمن ۽ مقامي سهڪاري تنظيم ۾ منظم ٿيندي ئي سندن سماجي ۽ معاشي ترقي جي حوالي سان ڪميونٽي ريسورس پرسن (CRP) ۽ سوشل آرگنائيزر طرفان آگاهي حاصل ڪئي.اهي عورتون پنهنجي انفرادي زندگين ۽ معاشري ۾



## ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ سندن ذميواري نڀائڻ ۽ ڪردار ادا ڪرڻ جي مڪمل قابل ٿي ويون آهن.آگسٽ 2018ع ۾، مقامي سهڪاري تنظيم (LSO) جي اڳواڻن عورتن جي حقن ۽ ٻارڙن جي تعليم جي اهميت حوالي سان هڪ ڏينهن جو آگاهي ورڪشاپ منعقد ڪيو. مقامي سهڪاري تنظيم (LSO) جي اڳواڻن سندن يونين ڪائونسل طيب جي ڳوٺاڻي تنظيم جي ڳواڻن ۽ پاڙي واري يونين ڪائونسلن جي ڳوٺاڻين تنظيمن جي اڳواڻن کي سندن دعوت نامہ اماڻيا. انهن (LSO اڳواڻن) سرڪاري اسڪولن جي هيڊماسترن، ليڊي هيلٿ ورڪرن، يونين ڪائونسل جي چيئرمين ۽ ٻين معزز شخصيتن کي پڻ شرڪت جي دعوت ڏني. هڪ سئو کان وڌيڪ مردن ۽ عورتن ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي.

مهمانن ڳوٺاڻي ترقي ۾ عورتن جي حقن ۽ سندن بااختيار هجڻ جي اهميت تي زور ڀريو. مهمانن خطاب ڪندي سندن زور ڀريو تہ عورتن جو بااختيار هجڻ نہ صرف ڳوٺاڻي ترقي لاءِ گهربل انساني وسيلن جي مقدار ۽ معيار کي وڌائي ٿي، بلڪہ انساني حقن کي درپيش خدشن کي بہ ختم ڪرڻ لاءِ اهم آهي. وڌيڪ آگاهي سيشن وسيلي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي تعليم جي اهميت کي وڌ کان وڌ زور ڏنو ويو آهي.مهمانن انفرادي ۽ اجتماعي حالتون بهتر ڪرڻ لاءِ، ٻارڙن جي اسڪول ۾ داخلا جي ضرورت جي حوالي سان پڻ ڳالهايو.

مقامي سهڪاري تنظيم سات ٻارڙن جي ورڪشاپ ۾ شموليت کي پڻ يقيني بڻايو. ٻارڙن قومي ۽ مذهبي گيت ڳايا ۽ خاڪن وسيلي تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪيو.ورڪشاپ منعقد ڪرڻ جي نتيجي ۾ سرڪاري اسڪولن جي هيڊ ماسترن سندن داخلا مهم



## ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

۾ پڻ مدد ڪئي. جنهن جي ڪري 410 ٻار (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) اسڪولن ۾ داخل ٿي چڪا آهن.

### اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽي جو ٻيهر فعال ٿيڻ

اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽي تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ تمام اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون جيڪڏهن اهي ذميواري سان ڪم ڪن. پر ايس ايم سي اهو ڪردار ادا ڪونہ پيون ڪن. مقامي سهڪاري تنظيم ساٿ جون اڳواڻ SMC جي اهميت جو احساس ڪندي ڪجھ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سنڌن مختلف ڳوٺاڻين تنظيمن سان ميمبرن کي SMCs ۾ شامل ڪرايو ويو تہ جيئن اهي بهتر ۽ ڀرپور نموني سان فعال ٿي سگهن. ۽ سرڪار طرفان SMC جا مليل پئسا اسڪولن جي مرمت لاءِ استعمال ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو آهي. مقامي سهڪاري تنظيم جون اڳواڻ 22 SMC مان 4 SMC کي مڪمل طرح سان فعال بڻايو آهي ۽ باقي رهيل اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽين (SMCs) کي فعال بڻائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيون آهن.

### گدلاڻ جي ڳنڀير مسئلي کي حل ڪرڻ

گدلاڻ سبب سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اڪثر بيماريون جنم وٺن ٿيون. ڇوتہ ٻهراڙين ۾ نيڪال جو بهتر نظام موجود نہ آهي ان ڪري بہ بيماريون ٿين ٿيون. يونين ڪائونسل طيب ۾ نيڪال ۽ نااليون گهٽو ڪري رستن ۽ گهٽين سان گڏرن ٿيون جنهن سبب علائقي ۾ گدلاڻ ۽ بيمارين جهڙوڪ: ڊائريا، مليريا وغيره) جي ڦهلجڻ جو سبب بڻجي پيو. هڪ بهتر نيڪال ۽ ڪچري اڇلڻ جو نظام نہ هجڻ جي ڪري ماڻهو گندڪچرو نالين ۾ اڇلين ٿا، جنهنڪري نااليون بند ٿي وڃن ٿيون ۽ گندو پاڻي گهٽين ۽ رستن تي جمع ٿيندو پيو رهي. گهٽين ۾ جمع ٿيندڙ گندو پاڻي مڇرن ۽ ٻين بيڪٽريا جي وڌڻ جو سبب بڻجي پيو. مقامي سهڪاري تنظيم جي اڳواڻ عورتن هر ڳوناڻي تنظيم (VO) ۾ هڪ ڪميٽي جوڙي ۽ سنڌن اها زميواري رکي وئي تہ هو هر بند نالين جي مڪمل صفائي سترائيءَ کي يقيني بڻائينديون. ڪميٽي هر ڳوٺ ۾ عورتن کي پابند ڪيو تہ اهي گند ڪچرو نالين ۾ نہ اڇلين بلڪہ ان گند کي رستي جي پاسي ۾ هڪ هنڌ جمع ڪن.مقامي سهڪاري تنظيم جي اڳواڻن يونين ڪائونسل جي چيئرمين سان رابطو ڪيو ۽ ڪيس درخواست ڪئي تہ هو تعلقہ ميونسپل اختيارين سان رابطو ڪري تہ جيئن صفائي جي نظام کي بهتر بڻائي سگهجي.

مقامي سهڪاري تنظيم جي اهڙي ڪوشش کان پوءَ ميونسپل ڪامييٽي جا سُئيپر هر مهيني باقائدگيءَ سان نالين جي صفائي ڪن پيا. هاڻ جڏهن يونين ڪائونسل طيب جا ڳوٺ گهمبا تہ صاف سٿرا نظر ايندا، بيمارين ۾ بہ ڪافي گهٽتائي آئي آهي، ڳوٺن اندر هڪ بهتر صاف ۽ بهتر ماحول پيدا ٿيو آهي. مقامي سهڪاري تنظيم جي اڳواڻن علائقي ۾ نيڪال جي نظام کي بهتر ڪرڻ کان بعد اهو پڻ فيصلو ڪيو تہ ڳوٺن ۾ وڌ کان وڌ وڻ پوکي علائقي کي سرسبز بڻائجي ۽ ڳواڻ عورتن علائقي ۾ 3000 هزار پوکي هن مهم جي شروعات ڪئي آهي. انهي وڏڪاري مهم لاءِ سرسو طرفان 1000 وڻ پڻ اڳواڻ عورتن جي حوالي ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ تنظيم جي اڳواڻ عورتن پنهنجي مدد پاڻ تحت بہ 2000 هزار اضافي وڻ لڳائي رڪارڊ قائم ڪيو آهي. هن وقت تنظيمي عورتون پراميد آهن تہ جڏهن اهي وڻ وڏا ٿيندا تہ علائقي ۾ گرمي پد گهٽبو گڏوگڏ زمين جو معيار پڻ بهتر ٿيندو ۽ ڪاٺي بہ ملي سگهندي.

## ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف



### غريب ترين گهراڻن جي نشاندهي

مقامي سهڪاري تنظيم ساٿ جو بنيادي مقصد غربت کي گهٽ ڪرڻ آهي. ڪيترائي غريب گهراڻا آهن جيڪي پنهنجون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ جي بہ ڪابل نہ آهن. انهن غريب خاندانن جي مالي سهائتا لاءِ وسيلا گڏ ڪرڻ جو سوچيو. ان سلسلي ۾ سندن عيدميلاد النبي ﷺ ملهائي وئي جنهن ۾ هڪ ٻئي جي ڏکئي وقت ۾ مدد ۽ غريب ترين عورتن جي مالي سهائتا جي اهميت کي بہ اجاگر ڪيو ويو. جشن دوران انهن غريب عورتن لاءِ چندو ڪٺو ڪري ورهايو ويو. يونين ڪائونسل جي غريب خاندانن لاءِ صاف ۽ سستي توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ مقامي سهڪاري تنظيم جون عورتون پڻ پرجوش آهن. ان سلسلي ۾ انهن کي خبر پئي تہ يونين ڪائونسل چيئرمين وٽ غريبن لاءِ سولر پينل ۽ ڪجھ نلڪا آهن جيڪي هو ڏيڻ پيو چاهي تہ تنظيم جي اڳواڻ عورتن غريب خاندانن جي 120 ماڻهن جي لسٽ ٺاهي ڪيس ڏني وئي تہ هي اسان جي علائقي ۾ تمام غريب گهر آهن هنن کي سولر پينل ڏنو وڃي چيئرمين 10 مستحق عورتن کي سولر پليٽون ڏنيون ۽ باقي رهيل غريب خاندانن کي سولر پليٽون ڏيڻ جو وچن ڪيو تہ جلد ئي انهن غريب کي سولر پليٽون ڏنيون ويندون تہ جيئن هو پنهنجن گهرن کي روشن ڪن.

*(هي خاڪو آر ايس پي اين پاران سڪسيس پروگرام هيٺ ضلعي لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ قائم ڪيل ايل ايس اوز جي ڪمن جي تعارف طور ڊسمبر 2019 ۾ تيار ڪيو ويو، جنهن کي سڪسيس پروگرام جي ويب سائيٽ تي پڻ ڏسي سگهجي ٿو.)*

ترجمو:
عبدالمنان چاچڙ

**پيو رُخ:**

# ترقيءَ جي تشريح نئين سِر ٿيڻ گهرجي !

## (ٿر جي سفر جي تناظر ۾ هڪ ليک)

تحرير: زبيرسومرو

ٿرپارڪر زمين جي گولي تي فطرت جي هڪ بي حد حسين تخليق آهي. ٿر ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان وڏو ريگستاني خطو آهي. هندستان ۽ پاڪستان جي سرحد تي واقع هي رڻ پٽ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ قدرتي سرحد وانگر آهي. هندستان ۾ ان جي پکيڙ سترهن هزار هم چورس ڪلوميٽر آهي ۽ پاڪستان ۾ ٽيهه هزار هم چورس ڪلوميٽر آهي. هندستان ۾ جي رياست راجستان جو سٺ سيڪڙو حصو هن رڻپٽ ۾ آهي. بيابان جو راجستان کان علاوه باقي حصو انڊيا جي پنجاب، گجرات ، هريانا ۽ پاڪستان جي پنجاب ۽ سنڌ ۾ آهي. ٻہ لک هم چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل ڏکڻ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ دنيا جو ارڙهون وڏو بيابان آهي، جنهن جو 85 سيڪڙو حصو هندستان ۾ ۽ 15 سيڪڙو پاڪستان ۾ آهي.

> عمومي طور تي ٿر جي غربت جو مثال حوالي جي طور ڏنو ويندو آهي. ٽيٽائيءَ جي سٽ ” ٿر ٿوهر گهر جهوپڙا، ٻارڻ جنين جو ٻوهہ“کان وٺي حليم باغيءَ جي ”منهنجي ٿر جو حال جي پچندين روئي پوندين“ تائين ٿر جي وارياسي غربت شاعرن لاءِ مفلسيءَ جو استعارو آهي.

ڪجھ وقت اڳ ٿر گهمڻ جو موقعو مليو. خاص طور هندستاني سرحد لڳ پارڪري علائقا گهمڻ وٽان آهن. اوائلي ٿري ماڻهن ٿر کي انن جاگرافيائي خِطن ۾ ورهايو آهي: ڍٽ، ڪنٺو، ونگو، پارڪر، ڪاٺڙ، سامروٽي، مهراڻو ۽ وَٽ. ٿر جا اِهي اَٺ ئي حصا ڪمال جو جمال رکن ٿا. ننگر پارڪر جي پيٿاپور يونين ڪائونسل جي ڳوٺ ساڏورس جي هڪ گهر ۾ گهڙيءَ ڪن لاءِ ترسڻ پڻ ٿيو. هن ڳوٺ ۾ سماجي تنظيم پڻ جڙيل آهي. ان گهر جي اُها نينگري ’اجنا‘ ڪڏهن بہ نہ وسرندي جنهن پنهنجي خوبصورت چؤنري ۾ اسان جي سموري سٿ کي چانهہ پيئاري. ڇا تہ گهر جي جوڙجڪ هئي. ڇا تہ ڳوٺ هيو. سموري ڳوٺ ۾ ڪا بہ شيءِ بناوٽي ناهي. ڪاڏو پيتو نڄ، گهرن ۽ چؤنرن جي اڏاوت فطري ۽ ماحول دوست. گهر کي پٽيون ئي نہ هيون تہ وري ڪلف ۽ تالا ڇا جا هوندا. گهر جي چوڌاري ڪنڊن جو لوڙهو هيو، گهر اندر ٽي گول چؤنرا هيا ۽ وڏو پڊر هو. ماڻهن جي خوراڪ صفا سادي هئي. ماڻهو ٻڪري ۽ ڏاچيءَ جو کير پيئن، پاڻ مرادو ڦُٽل ٿري پاڄين سان جوئر ۽ ٻاجهر جي اٽي جي ماني کائنِ، سڄي ٿر ۾ ڪو ٿلهو موٽو ماڻهو ڳوليو نہ ليندو. ليندو وري ڪٿان، ميلن جا ميل پنڌ جو ڪندا، تہ ٿولهہ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. هن سموري منظرڪشي ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ ٻہ هزار ويهہ جي هن بناوٽي دؤر ۾، سنڌ ۾ هڪ علائقو اهڙو بہ آهي، جتي زندگي پنهنجي نج جوهر ۾ موجود آهي. ڪاڌ خوراڪ کان وٺي، اٿڻي ويهڻي، رهڻي ڪهڻي، لائيف اسٽائيل ايترو تہ قدرتي آهي، جنهن جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي.

### ڀيو رُخ:

عمومي طور تي ٿر جي غربت جو مثال حوالي جي طور ڏنو ويندو آهي. ٿيائيءَ جي سٽ ” ٿر ٿوهر گهر جهوپڙا، ٻارڻ جنين جو ٻوهه“ کان وٺي حليم باغيءَ جي ”منهنجي ٿر جو حال جي پڇندين روئي پوندين“ تائين ٿر جي وارياسي غربت شاعرن لاءِ مفلسيءَ جو استعارو آهي، پر ميڪرو ايڪانامڪس جي عينڪ سان ٿر کي ڏسجي ته هرو ڀرو ٿر ۾ ايڏي ٻه غربت ناهي، جيڏي پيش ڪئي ويندي آهي.غربت کي ماپڻ جا بين القوامي سطح تي مجل ماپا ڏسڻ جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي اهميت رکن ٿا. سڄي سنڌ جي جانورن جو 15 سيڪڙو جانور ٿر ۾ آهن. اُتان جي دوستن ٻڌايو ته ٿر جي غريب ترين گهر ۾ ٻه ويهه پنجويهه جانور هوندا آهن، جن ۾ ٻڪرين جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي. اتر سنڌ جي ٻهراڙين ۾ جنهن گهر ۾ ڏهه پندرنهن ٻڪريون هونديون آهن، اُهو وڏي لئي سان پاڻ شاهوڪار سڏائيندو آهي. ٿر ۾ اڌ کان وڌيڪ آبادي هندن جي آهي، انهن ۾ واضع اڪثريت دلتن جي آهي. دلت راڄن کي واٽين يا ديوانن سان مذهبي توڙي طبقاتي حوالي سان سخت تحفظات آهن. باقي سڄي ٿر ۾ هندو ۽ مسلمان صدين کان پاڻپي سان رهن ٿا. مذهبي رواداري جي انتها اها آهي ته مسلمان هندن جي احترام ۾ وڏو گوشت واپرائيندا ئي نه آهن. شهر ۾ ڳائي گوشت جا ڪاسائي آهن ئي نه، ڪمال جي ڳالهه آهي! ساڳي طرح مسلمانن ۾ فرقن واري وٺ پڪڙ ٻه ناهي. سڀ سادا سودا مسلمان آهن.

غربت جي تعريف (Definition) ٻه دنيا ۾ مختلف آهي. ڪجهه معاشي ماهرن موجب جيڪو شخص روزانو 2250 ڪيلريز نيوٽريشن نه ٿو وٺي سگهي، اُهو غريب آهي وري ڪجهه معاشي ماهرن موجب جيڪو شخص روزانه ٻه ڊالر نه ٿو ڪمائي سگهي، اُهو غريب آهي. اگر اسان نيوٽريشن واري ڪيلريز واري وصف کڻون ته غربت جي شرح ايڏي ناهي، ڇو ته گُوگل مطابق کير جي هڪ گلاس ۾ 300 ڪيلريز آهن ۽ سراسري ويهه پنجويهه ٻڪريون رکندڙ گهراڻي جا ڀاتي اگر ڏينهن ۾ ڇهه ست گلاس کير جا پيئن ته ان جي جسم جي گهربل نيوٽريشن پوري ٿي وڃي ٿي. ڪرمنالاجي جا ماهر چون ٿا ته غربت ڪرائيم کي جنم ڏيندي آهي، پر ٿر ڪرمنالاجي ۽ رورل ايڪانامي جي فريم ورڪ ۾ ”پاورٽي لائين“ يعني غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ٿري غريبن انهيءَ سموري کي عملي طور ان ڳالهه کي رد ڪندي، فلاسافيءَ جون ڌڄيون اُڏائي ڇڏيون ته غربت جي هوندي ٻه هُو ڪرائيم نه ٿا ڪن. اُتان هڪ دوست (جيڪو هڪ پوليس آفيسر پڻ آهي) ٻڌايو ته مهينن جا مهينا، هن تر جي ٿاڻن تي ڪا ايف آر آر نه ٿي ڪٽجي، هتي چوريءَ جو تصور ئي ناهي. ٻئي پاسي شهري زندگي جو عڪس ڏسو. ڪراچي، حيدرآباد کان وٺي ننڍن وڏن شهرن جي حالت زار جي کهڙي ڳالهه ڪجي. شايد ئي ڪو گهر هجي جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاتي موضي مرضن ۾ مبتلا نه هجن. ڪجهه بيماريون ته ڄڻ عوامي آهن ۽ گهر گهر ۾ عام جام آهن. انهن ۾ سرِ فهرست شوگر آهي، ان کان علاوه بلڊ پريشر، گڙدن جي بيماري، هڏن جي بيماري، دل جو عارضو عام جام بيماريون آهن. ذهني بيمارين جي ڳالهه ڪجي ٿي، سنڌ جي تمام وڏي آبادي ذهني طور تي مريض آهي. انهن ئي بيمارين جي ڪري ماڻهن جي سراسري عمر (Life Expectancy) گهٽجي، سٺ پنجهٺ سال تي وڃي پهتي آهي. شهري زندگيءَ ۾ گوشت، ڀاڄيون، ميوا، کير ۽ راشن سميت ڪابه شيءِ نج نه آهي، هر شيءِ ۾ ملاوٽ آهي. ان کان سواءِ شهري معاشري ۾ ٽينشن سان ٽمٽار زندگيءَ ۾

## ٻيو رُخ:

سڪون نالي ڪا شيءِ ناهي. ڪراچيءَ جو شهري گهران نڪرندو آهي ته ڪيس ڪا پڪ نه هوندي آهي ته هُو خيريت سان گهر واپس ايندو الائي نه. اڍائي ڪروڙ آباديءَ جي هِن شهر روزانو ڪنهن نه ڪنهن علائقي قتل، اغوا، ڦُر، ريپ ۽ اهڙا ڪيترائي سنگين ڏوهه ٿي رهيا هوندا آهن، جيڪي روزمره جي معمول بڻجڻ سبب هِن شهر جي ماڻهن جي صحت تي ڪو اثر نه ڇڏيندا آهن. امن هڪ خوبصورت خواب وانگر آهي، ٻه وقت جي عزت جي روٽيءَ جي عياشي هر غريب ماڻهوءَ جي نصيب ۾ ناهي. جڏهن ته سال کن اڳ مٺي شهر ۾ ٻن هندو ڀائرن جي قتل تي سڄو شهر ٽِن ڏينهن لاءِ پان مرادو بند ٿي ويو ۽ سڄي شهر ۾ خوف، هراس، غم ۽ غصي جي لهر هئي. پياري دوست پياري شِواٽيءَ ٻڌايو ته هندن توڙي مسلمانن گهرن ۾ سوڳ هيو، ماڻهن جي گهرن جون چلهيون ٽِن ڏينهن تائين ٺريل هيون.

مٿي بيان ڪيل ٿري زندگي ۽ سنڌ جي شهري زندگيءَ جي تصويري ڪهاڻي کان پوءِ ڇا اهو سوال نه ٿو پيدا ٿئي ته ترقي ٿر ڪئي آهي يا ڪراچيءَ؟ جنهن سان ڀريون پيون هجن، اِها ڪهڙي ترقي آهي؟ ترقي ته اها آهي جيڪا ننگر پارڪر جي ساڌورس ڳوٺ ۾ آهي، جتي گهرن کي دروازا ئي ناهن، تالا ئي ناهن.


هيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪس (HDI) جي انڊيڪيٽرس ۾ ڪيترائي عنصر آهن، جن ۾ چار اهم ترين آهن: ماڻهن جي سراسري عمر (Life Expectancy)، صحت (Health)، تعليم (Education) ۽ فرد جي في کس آمدني (Per Capita Income). انهن چئني عنصرن کي معاشيات جا ماهر انساني ترقيءَ جي ڏاڪڻ چون ٿا. گڏيل قومن جو ادارو يو اين ڊي پي هر سال هيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪيٽرس جي رپورٽ جاري ڪندو آهي، جنهن ۾ دنيا جي مڙني ملڪن جي ايڇ ڊي آءِ (HDI) رينڪنگ ڏنل هوندي آهي. پاڻ وارو پيارو پاڪستان انهيءَ رينڪنگ جي ڊوڙ ۾ 189 ملڪن مان 152 هين نمبر تي آهي ۽ تقريبن ان رينڪ تي ڏهاڪن کان رهندو پيو اچي. هيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪس جي انڊيڪيٽرس جي عنصرن کي هڪڙي پاسي رکي اگر الهه لڳ ڳالهه ڪجي ته دنيا جي ميٽروپوليٽن شهرن ۾ جتي تعليم، صحت،

> غربت جي تعريف (Definition) به دنيا ۾ مختلف آهي. ڪجهه معاشي ماهرن موجب جيڪو شخص روزانو 2250 ڪيلريز نيوٽريشن نه ٿو وٺي سگهي، اُهو غريب آهي وري ڪجهه معاشي ماهرن موجب جيڪو شخص روزانو ٻه ڊالر نه ٿو ڪمائي سگهي، اُهو غريب آهي. اگر اسان نيوٽريشن واري ڪيلريز واري وصف ڪٽون ته ڪو به ٿري غريب ناهي، ڇو ته گُوگل جي رپورٽ مطابق کير جي هڪ گلاس ۾ 300 ڪيلريز آهن ۽ سراسري ويهه پنجويهه ٻڪريون رکندڙ گهراڻي جا ڀاتي اگر ڏينهن ۾ ڇهه ست گلاس کير جا پيئن ته ان جي جسم جي گهربل نيوٽريشن پوري ٿي وڃي ٿي.

شهر ۾ آباديءَ جو منو حصو ڀلي روايتي پڙهيل لکيل يا ڊگري يافته هجي پر چوڻڪن تي ٻورين ۾ بند انسانن جا لاش ملن، اِها ڪهڙي ترقي آهي؟ عورتون جون عصمتون محفوظ نه هجن، اِها ڪهڙي ترقي آهي؟ اغوائون، ڦُرون ۽ طرح طرح ڪرائيم روز جو معمول هجن، اِها ڪهڙي ترقي آهي؟ اسپتالون مريضن انفراسٽرڪچر ۽ دنيا جهان جي سموريون سهولتون موجود هجن پر بنيادي انساني اخلاقيات نه هجي ته پوءِ اها ڳالهه اٽر تي ٻڌجي وڃي ته ترقيءَ جي تشريح ٻيهر ڪئي وڃي ۽ ترقيءَ جي نئين تشريح ڊرافٽ ڪرڻ کان اڳ اسان جي سنڌ جو ٿر ضرور گهمڻ گهرجي.

روشن ڏيئا

# ڊاڪٽر اختر حميد خان: سماجي سائنس ۽ ترقي جي شعبي جو هڪ مهان رهنما، ماهر ۽ استاد



سماجي شعبي سان تعلق رکندڙ اختر حميد خان جي نالي کان چڱيءَ طرح واقف آهن. سياسي ارادي ۽ وسيلن جي کوٽ جي شڪار بڻيل ٽين دنيا ۾ سندس ڏاهپ، عزم ۽ ارادي، رٿا بندي ۽ مستقل مزاجيءَ اهڙا ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن، جو سندس ڪامياب منصوبن کي مثالي نهرائيندي، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انهن جي پوائيري ڪئي پئي وڃي.

اختر حميد خان انڊين سول سروس مان استعيفا ڏيئي غريب ماڻهن کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ لاءِ هڪ ڏکئي سفر جي شروعات ڪئي. اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾ رورل اڪيڊمي ڪوميلا (1959) ۽ اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ (1980) ڪراچي سندس اهڙا ٻه پروجيڪٽ آهن، جيڪي سماجي ترقي جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙن کي نئون اتساهه ڏين ٿا. سندس سماجي خدمتن جي مڃتا طور تي پاڪستان سرڪار ستاره پاڪستان (1961) ۽ نشانِ امتياز (2001) جا اعزاز ڏنا آهن .ٻوناٽي ترقي ۾ مثالي ڪم ڪرڻ تي فلپائين حڪومت ميگسيسي ايوارڊ (1963) سان نوازيو، جنهن کي ايشيا جو نوبل پرائيز طور مڃيو وڃي ٿو. جڏهن ته ميشي گن يونيورسٽي آمريڪا کيس اعزازي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري (1964) پڻ ڏني.

## ابتدائي زندگي ۽ ڪم:

اختر حميد خان صاحب جولاءِ 15، 1914ع ۾ آگري (اترپرديش) ۾ ڄائو. سندس والد صاحب جو نالو خان صاحب امير احمد خان ۽ والده جو محموده بيگم هو. پاڻ ۾ 4 ڀائر ۽ 3 ڀينر هئا. والد صاحب پوليس ۾ انسپيڪٽر هو.

پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جالم (اتر پرديش) م داخل ٿيا. ۽ 1930 ۾ تعليم پوري ڪري 1932 ۾ آگره ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جتي انگريزي ادب ۽ تاريخ پڙهيو.. ساڳي سال هن جي امڙ ٽي بي جي مرض ڪارڻ 36 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويئي. 1934 ۾آگره يونيورسيٽي مان انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪئي. انڊين سول سروس ۾ وڃڻ کان اڳ ميرٺ ڪاليج ۾ ليڪچرر طور پڙهايو ۽ 1936 ۾ آءِ ايس ايس ڪئي. انڊين سول سروس جي ٽريننگ طور کيس ميڪڊيلين ڪاليج ڪئمبرج موڪليو ويو ۽ پاڻ ادب ۽ تاريخ جو مطالعو ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب جن پهرين شادي 1940 ۾ علامه مشرقي جي وڏي ڌيءَ حميده بيگم سان ڪئي، جنهن مان کيس ٽي نياڻيون ۽ هڪ پٽ ٿيا. 1966 ۾ حميده بيگم جي وفات کان پوءِ پاڻ ٻئي شادي ڪئي جنهن مان کيس هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو.

آءِ ايس ايس جي نوڪري دوران پاڻ روينيو ڪليڪٽر طور ڪم ڪيو، جنهن دوران سندس سڌو واسطو اوڀر بنگال جي عام ماڻهن سان پيو. 1943 واري

## روشن ڏيئا

بنگال ۾ ڏڪار جي تباه ڪارين کي گهرائيءَ سان ڏٺو ۽ ڪالوني ٻٽايل حڪمرانن جي غير مناسب انتظامن ۽ روين سبب ڏڪار جي صورتحال سنگين بڻي. ان ڪري 1945 ۾ نوڪري ڇڏي ڏني. ان دوران پاڻ مشهور فلسفي نتشي ۽ علامہ مشرقي جي خيالن کان متاثر ٿيو.

اختر حميد خان انڊين سول سروس کان استعيفا ڏيڻ کان پوءِ 2 سال علي ڳڙهہ ويجهو ڳوٺ مامودا ۾ هڪ مزدور ۽ تالا ناهيندڙ طور ڪم ڪيو. جنهن کيس ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي مسئلن ۽ مونجهارن بابت ڄاڻ ڏني. 1947 کان 1950 تائين تي سال جامعيہ مليہ دهلي ۾ استاد طور پڙهايو. پاڪستان هجرت ڪرڻ کان پوءِ اسلاميہ ڪاليج ڪراچي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. ان دوران حڪومت پاڪستان کيس ڪوميلا وڪٽوريا ڪاليج اوڀر پاڪستان ۾ پرنسپال ٿيڻ جي دعوت ڏني ۽ جتي هن 1958 تائين ڪم ڪيو.

## جتادار ۽ ٻهراڙي جي ترقي لاءِ ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ:

ڪوميلا ڪاليج ۾ ڪم ڪرڻ دوران ئي 1954_55 کيس هيٺين سطح تي ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. هن وليج ايگرڪلچر اينڊ انڊسٽريل ڊولپمينٽ (وي_ايڊ) پروگرام (1958) جي ڊائريڪٽر طور ڪم شروع ڪيو. مگر پاڻ پروگرام ۾ اختيار ڪيل ترقي واري حڪمت عملي کان مطمئن نہ ٿيا، جيڪا ڳوٺاڻن جي تربيت کي محدود ڪري رهي هئي. پاڻ مشيگن اسٽيٽ يونيورسٽي آمريڪا ويا ۽ ٻهراڙِيءَ جي ترقي بابت تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي. آمريڪا کان واپسي تي مئي 27، 1959 تي ڪوميلا ۾ پاڪستان اڪيڊمي فار ررول ڊولپمينٽ (پي آءِ آر ڊي) جو بنياد رکيو ۽ ماڻهن کي



پنهنجي پيرن تي پاڻ بيهڻ لاءِ ڪوميلا ڪوآپريٽو پائلٽ پروجيڪٽ شروع ڪيو ۽ بنگال ۾ هارين کي اها ترغيب ڏني تہ اهي پنهنجي زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ ۽ شهري سهوليتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مهينيوار معمولي رقم بچت ڪري سيڙپ ڪن.

اوڀر پاڪستان جي بنگلاديش بڻجڻ کان پوءِ ڊاڪٽر اختر حميد خان واري تصور کي عملي روپ ڏيندي ”گرامين بئنڪ“ ننڍي سطح تي سيڙپ ۾ شراڪتداريءَ وارو تجربو شروع ڪيو ۽ خاص طور تي بنگالي عورتن ۾ ”ننڍن قرضن جو نظام“ کي متعارف ڪرائي ۽ ڪامياب بڻائي، ڏکڻ ايشيا ۾ ننڍن قرضن ذريعي غربت جي خاتمي ۽ اين جي. اوز جي فيصلائتي ڪردار کي مڃتا ڏياري.

ڊاڪٽر اختر حميد خان اوڀر پاڪستان واري سانحي کان پوءِ پاڪستان هليو آيو، جتي هن ڪوميلا ماڊل تي خيبر پختون خواه، پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو مگر ڪجهہ بنيادن مسئلن سبب اهو ڪم ڪري نہ ڪري سگهيا. پاڻ 1971_72 دوران فيصل آباد زرعي يونيورسٽي ۾ ريسرچ فيلو ۽ ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڊائريڪٽر رورل اڪانامڪس ريسرچ پروجيڪٽ طور پڻ ڪم ڪيو. ان دوران پاڻ رورل ڊولپمينٽ اڪيڊمي بنگلاديش ۽ پشاور کي

## روشن ڏيئا

مختلف ڳوناٽي ترقي جي پروگرامن تي صلاحون ڏيندو رهيو. 1974 ۾ ورلڊ بئنڪ جو ڪنسلٽنٽ مقرر ٿيو ۽ جاوا انڊونيشيا ۾ ڪم ڪيو. 70 واري پوري ڏهاڪي ۾ پاڻ دنيا جي مختلف يونيورسٽين جهڙوڪ: مشيگن ، لنڊن، هارورڊ ۽ آڪسفورڊ ۾ وزيٽنگ پروفيسر طور پڙهائيندو به رهيو.

1980ع ڌاري ڊاڪٽر اختر حميد خان ڪراچي ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ جتي زندگي جي آخر تائين رهيو. هن شهر جي جُهڳين (slums) ۾ نهايت گندي ۽ سيني شهري سهوليتن کان وانجهيل زندگي گذاريندڙ ماڻهن کي شهري سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ ترقياتي اسڪيمون شروع ڪرڻ لاءِ هڪ غير سرڪاري تنظيم طور اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ (او پي پي) جو بنياد وڌو. اورنگي مختلف زبانون ڳالهائيندڙ غريب ترين ماڻهن جي ڪچي آبادي هئي. پروجيڪٽ ڊائريڪٽر طور اورنگي ۾ ماڻهن جي مدد سان مختلف نون ۽ شرڪتي طريقي ڪم شروع ڪيو. نيڪال، بنيادي صحت، خانداني منصبو بندي، ننڍين ڪاروبارن جي ترقي،ننڍين قرضن ۽ گهرن جي تعمير جي شعبن ۾ ڪيترائي منصوبا ڪاميابي مڪمل ڪيا. او پي پي جي ڪامياب تجربن جي وڏي پئماني تي پاڪستان توڙي دنيا ۾ پذيرائي ملي ۽ پوائيري پڻ ڪئي ويئي. پاڪستان ۾ غير سرڪاري تنظيمون هڪ اهم ترقياتي شعبي طور سامهون آيون ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري طور تي ڪميونٽي بنيادن تي ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪئي ويئي.



## روشن ڏيئا

### سماجي ماهر طور سندس خيال ۽ ڪم:

ڊاڪٽر اختر حميد خان بنيادي طور سماجي سائنس ۽ ترقي جو استاد، ماهر ۽ ڏاهو هو. اردو ۾ ٻن ڪتابن جو مصنف پڻ آهي، جهن ۾ هڪ سفر آمريڪا (1972) ۽ ٻيون شعرن جو مجموعو چراغ ۽ ڪنول (1988) شامل آهن. ان ڪانسواءِ پاڻ ڏيهه پرڏيهه جي ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ سماجي تبديليءَ ۽ ڳوناٺي ترقي بابت بيشمار ڪالم پڻ لکيا. پاڻ 7 ٻولين عربي، بنگالي، انگريزي، هندي، پالي، فارسي ۽ اردو تي مهارت رکندو هو.

هڪ سماجي خدمت جي شعبي جي ماهر ۽ استاد طور سندن خيال به سيني جي سمجهه ۾ آساني سان اچي وڃن ٿا. اختر حميد خان جي خيال مطابق "دنيا ۾ هڪ پراڻو طريقو اهو آهي ته توهان ڀريون هڪ مثال قائم ڪريو ۽ پوءِ جيڪي چڱا ماڻهون آهن، اهي شايد پوئيواري ڪن، بس اهو ئي طريقو آهي، بي ايماني کان پاسو ڪريو، محنت ڪريو، ڪفايت شعاري کان ڪم وٺو، ڪجهه ڪري ڏيکاريو ۽ پوءِ دعا ڪريو ته ٻيا ماڻهو به ائين ڪن.- جيڪڏهن ڪو ماڻهو سکڻ چاهي ٿو ته ڪفايت شعاري ڪيئن ڪجي، حساب ڪيئن رکجي، رپورٽ ڪيئن لکجي مان ڪيس اهو سيکاري ڇڏيندس."

ڊاڪٽر اختر حميد خان پنهنجو پاڻ تي ڀارڻ ۾ پختو ويساهه رکندڙ هو ۽ هن هميشه پرڏيهي امداد واري ڪشڪول جي مخالفت ڪئي. هن جو فلسفو اهو هو ته "ڪابه پرڏيهي امداد يا بئنڪ ڪنهن به ملڪ ۾ ترقيءَ جي حق ۾ ناهي ۽ فقط مقامي ماڻهون



پنهنجي سِر ئي پنهنجن علائقن، شهرن ۽ ملڪن ۾ گڏيل سهڪار واري بنياد تي ترقي ڪري سگهن ٿا“. ڪميونٽي سان گڏجي ڪم ڪرڻ ، سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا ذريعي غريب ترين ماڻهن کي منظم ڪرڻ، ڪميونٽي ادارن جي قيام، صلاحيت سازي ۽ منصوبه سازي ۾ عملي شرڪت ذريعي پائدار بنيادن تي غربت جو خاتمي ۽ ڪميونٽي ترقي جو مقصد حاصل ڪرڻ واري سوچ ۽ حڪمت عملي تي ڪم ڪندڙ ڀهراڙيءَ جي مدد جا پروگرام (رورل سپورٽ پروگرام) پڻ ڊاڪٽر اختر حميد خان جي تجربن جي بنياد تي شروع ڪيا ويا، جنهن جو سهرو سندن شاگرد ۽ ساٿي شعيب سلطان خان تي آهي.

ڊاڪٽر اختر حميد خان پنهنجي او پي پي جي حوالي سان آخري وقت تائين هڪ ساڪ وارو سماج سڌارڪ ڪردار رهيو. 85 سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڌيءَ سان گڏ آمريڪا جي دوري تي ويو، جتي دل جي دوري پوڻ سبب 9 آڪٽوبر، 1999ع تي وفات ڪيائين ۽ اورنگي ڪراچي (سنڌ) ۾ اوپي پي آفيس جي اڳڻ تي دفنايو ويو. سندس وفات کان پوءِ 2001 ۾ پاڪستان سرڪار نشانِ امتياز سان نوازيو ۽ اسلام آباد ۾ موجود نيشنل رورل ڊولپمينٽ سينٽر جو نالو ڊاڪٽر اختر حميد خان سينٽر فار رورل ڊولپمينٽ اينڊ ميونسپل ايڊمنسٽريشن رکيو. اسلام آباد ۾ ئي ڊاڪٽر اختر حميد خان ريسورس سينٽر قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو ڳوناٽي ترقي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي ڪم تي تربيت ۽ تحقيق جو ڪم ڪري رهيو آهي.. ان ڪانسواءِ سندن هر خيال ساٿين پاران هر سال ڊاڪٽر اختر حميد خان ترقياتي فورم پڻ منعقد ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت، ڪم ۽ فڪر تي مباحثو ۽ تحقيقي مقالا پيش ڪيا وڃن ٿا.

**(هي خاڪو اين جي او آر سي پاران ڊاڪٽر صاحب جي شايع ٿيل انٽرويو، لکيل ڪتابن ۽ ليڪن جي مدد سان مرتب ڪيو ويو آهي.)** مرتب ڪندڙ:

علي انور آزاد

## ڊاڪٽر اختر حميد خان:

(1914-1999)

# هڪ نظر ۾

**جنم جي تاريخ:** جولاءِ 15، 1914ع

**پيدائش جي جڳهه:** آگره (اترپرديش) انديا

**والدين:** خان صاحب امير احمد خان ۽ والده محموده بيگم

**مئٽرڪ** : گورنمينٽ هاءِ اسڪول جالم (اتر پرديش) 1930

**گريجوئيشن** : آگره ڪاليج (اترپرديش) 1932

**ماسٽرس:** آگره يونيورسيٽي (انگريزي ادب) 1934 مشيگن اسٽيٽ يونيورسٽي آمريڪا

**انڊين سول سروس:** 1936

**انڊين سول سروس کان استعيفا:** 1945

**ڪوميلا رورل اڪيڊمي جو آغاز:** 1959

**اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ جو آغاز:** 1980

**درس ۽ تدريس:** جامعيه مليه دهلي، اسلاميه ڪاليج ڪراچي، ڪوميلا وڪٽوريا ڪاليج اوڀر پاڪستان ، فيصل آباد زرعي يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي، ميشيگن يونيورسٽي، هارورڊ يونيورسٽي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي

**اعزاز:** پاڪستان سرڪار ستارهِ امتياز (1961)، فلپائين حڪومت ميگسيسي ايوارڊ(1963)، ميشيگن يونيورسٽي آمريڪا اعزازي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري (1964) ۽ پاڪستان سرڪار نشانِ امتياز (2001)

**لکيل ڪتاب-اردو:** سفر آمريڪا (1972) ۽ شعرن جو مجموعو چراغ ۽ ڪنول (1988)

**وفات جي تاريخ:** 9 آڪٽوبر 1999 (آمريڪا)

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## ڪم جي پُهچ ۽ ڪاميابين جو نچوڙ - ڊسمبر 2019

### سرسو جي ڪم جي پهچ

| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| ضلعن جو تعداد | 15 |
| تعلقن جو تعداد | 86 |
| يونين ڪائونسلن جو تعداد | 707 |
| ڳوٺن جو تعداد | 17،347 |
| منظم ڪيل گهراڻن جو تعداد | 1،159،124 |

### ڪميونٽي ادارن جو تفصيل

| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) جو تعداد | 67،128 |
| وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) جو تعداد | 12،361 |
| لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جو تعداد | 462 |

### مائڪرو فنانس مان فائدو وٺندڙن جو تفصيل

| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| انڪم جنريٽنگ گرانٽ (آءِ جي جي) مان فائدو وٺندڙ | 27،343 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف) مان فائدو وٺندڙ | 200،677 |
| مائڪرو ڪريڊٽ پروگرام مان فائدو وٺندڙ | 711،236 |

### اهم تربيتن مان فائدو وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تفصيل


| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| هنري مهارتن جي سکيا وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 89،371 |
| تربيت يافته ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 344،234 |
| روايتي داين جي تربيت (ٽي بي ايز) | 4،777 |

### انساني وسيلن جي ترقي

| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| ڪميونٽي ميمبرن جي هنري سکيا | 69،371 |
| مئنيجمينٽ اسڪلز ٽريننگ تي تربيت | 344،233 |
| مختلف موضوعن تي مهيا ڪيل تربيت | 6،593 |

### اهم پروگرامن يا خدمتن مان فائدو وٺندڙن جو تفصيل

| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| مائڪرو هيلٿ انشورنس مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا | 672،985 |
| ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي (سي پي آءِ جو تعداد) | 26،687 |
| تعميراتي ڍانچي مان فائدو وٺندڙ گهراڻا | 259،311 |
| گهٽ قيمت گهرن جو تعداد | 20،466 |
| پولٽري مان فائدو وٺندڙن جوتعداد | 20،221 |
| پوکيل وڻن جو تعداد | 839،386 |
| گهريلو سطح تي پوکيل سبزين جو تعداد | 16،878 |



# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس،شکارپور روڈ،سکر (سنڌ)
فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111
ویب سائیٹ www.srso.org.pk